جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 16 | سومر 31 آگسٽ 2026ع بمطابق 17 ربيع الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 319

سنڌ حڪومت ايندڙ مرحلي ۾ ميرپورخاص ۾ پنڪ اليڪٽرڪ اسڪوٽيون ورهائڻ جو فيصلو

هاڻي تائين 50,000 کان وڌيڪ عورتن پنڪ اليڪٽرڪ اسڪوٽيون ۽ تربيتي پروگرام لاءِ درخواستون ڏنيون آهن: شرجيل انعام ميمڻ

جيڪو واضح ثبوت آهي ته عورتون سنڌ حڪومت جي هن پروگرام ۾ گهري دلچسپي رکن ٿيون سنڌ حڪومت هاڻي تائين 2,000 کان وڌيڪ عورتن کي ڊرائيونگ ۽ لاڳاپيل تربيت فراهم ڪئي آهي

تربيتي عمل ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ميرپورخاص ۽ شهيد بينظير آباد سميت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ جاري آهي

حڪومت جو مقصد آهي ته ممڪن حد تائين ڪيترين ئي عورتون محفوظ طريقي سان اسڪوٽيون هلائي سگهن ته جيئن اهي پنهنجي نقل و حرڪت کي آسان بڻائي سگهن

پروگرام جي پهرين مرحلي ۾ 925 ۽ ٻئي مرحلي ۾ 476 اسڪوٽر مختص ڪيا ويا، هاڻي تائين 810 کان وڌيڪ اسڪوٽر عورتن ۾ مفت ورهايا ويا آهن

سنڌ حڪومت هن پروگرام کي صوبي جي مختلف علائقن تائين وڌائي رهي آهي ۽ ايندڙ مرحلي دوران، ميرپورخاص ۾ پنڪ اليڪٽرڪ اسڪوٽر ورهايا ويندا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ايندڙ مرحلي ۾ ميرپورخاص ۾ پنڪ اليڪٽرڪ اسڪوٽيون ورهائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته هاڻي تائين 50,000 کان وڌيڪ عورتن پنڪ اليڪٽرڪ اسڪوٽيون ۽ تربيتي پروگرام لاءِ درخواستون ڏنيون آهن، جيڪو واضح ثبوت آهي ته عورتون سنڌ حڪوم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

پاڪستان ۽ سعودي عرب ۾ زرعي ۽ غذائي تحفظ جي پائيواري کي هٿي ڏيڻ بابت ڪامياب ڳالهيون

پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ زرعي ۽ غذائي تحفظ جي پائيواري کي هٿي ڏيڻ بابت ڪامياب ڳالهيون ٿيون سعودي وزير ماحوليات عبدالرحمان اي الفضلي جي اڳواڻي ۾ سعودي وفد پاڪستان جو دورو ڪيو

سعودي وفد 26 کان 28 آگسٽ تائين اسلام آباد جو دورو ڪيو، وفد ۾ ماحوليات واري وزارت، پاڻي، زراعت، جنرل فوڊ سيڪيورٽي اٿارٽي ۽ لاڳاپيل ادارن جون اختياريون شامل هيون

ٻنهي ملڪن انهي ارادي جو اظهار ڪيو ته پاڪستان جي سعودي عرب لاءِ برآمدات کي 3 ارب ڊالر تائين پهچايو ويندو. ايندڙ ٻن سالن جي دوران برآمدات جي حدف کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي

وزيراعظم شهباز شريف سان سعودي وفد ملاقات ڪئي ۽ امڪاني تعاون تي ڳالهيون ڪيون. پاڪستان جي طرفان وفد جي قيادت وفاقي وزير فوڊ سيڪيورٽي رانا تنوير حسين ڪئي

دوري ۾ پاڪستان، سعودي عرب ايگريڪلچر اينڊ فوڊ اسٽريٽجڪ پلان تي بريفنگون ٿيون. سعودي وفد ايس آئي ايف سي، فوجي فائونڊيشن، پاڪ سعودي ايگري بزنس فورم جو دورو ڪيو

سعودي وفد نيشنل ايگريڪلچرل ريسرچ سينٽر جو دورو به ڪيو. ڌرين پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ گهرا، تاريخي ۽ ڀائيراڻي لاڳاپن جو ارادو ڪيو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ زرعي شعبي ۾ اهم اڳڀرائي سامهون اچي وئي آهي، پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ زرعي ۽ غذائي تحفظ جي پائيواري کي هٿي ڏيڻ بابت ڪامياب ڳالهيون ٿيون آهن. گڏيل پڌرائي موجب سعودي وزير ماحوليات عبدالرحمان اي الفضلي جي اڳواڻي ۾ سعودي وفد پاڪستان جو دورو ڪيو. سعودي وفد 26 کان 28 آگسٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪيه جي گڏيل دفاعي معاهدي جي ڪميٽي جو پهريون اجلاس اڄ استنبول ۾ ٿيندو

اجلاس ۾ ٽنهي ملڪن جون اعليٰ اختياريون شرڪت ڪنديون نائب وزيراعظم سينيٽر اسحاق ڊار استنبول پهچي ويو

هلندڙ مهيني طئي ٿيل گڏيل دفاعي معاهدي جي تحت پهرين ڪميٽي جي اجلاس جي لاءِ سومر جي ڏينهن استنبول ۾ جمع ٿيندا

استنبول ۾ ٿيل انهي اهم اجلاس ۾ ٽنهي ملڪن جا پرڏيهي وزير، وزير دفاع ۽ هٿياربند فوج جا چيفس آف اسٽاف شرڪت ڪندا

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان، ترڪيه ۽ سعودي عرب جي گڏيل دفاعي معاهدي جي ڪميٽي جو پهريون/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

عمران خان جي پيڻ چيو ته هو بلڪل فٽ آهي: خواجه آصف

پي ٽي آءِ جي باني جي پيڻ پريس ڪانفرنس ۾ اهو ٻڌائي معاملو ختم ڪري ڇڏيو آهي ته پي ٽي آءِ جي باني مڪمل طور تي صحتمند آهي، خدا جو شڪر آهي

پي ٽي آءِ جي باني جي پيڻ پاڻ هڪ ڊاڪٽر آهي ۽ هن پنهنجي ڀاءُ سان ڊاڪٽرن سان ملاقات ڪئي هئي

اسلام آباد (بيورو) دفاع واري وزير خواجه آصف چيو آهي ته پي ٽي آءِ جي باني جي پيڻ پريس ڪانفرنس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

لاهور: وفاقي وزير خواجه آصف علامه اقبال انٽرنيشنل ايئرپورٽ لاهور جو دورو ڪندي

نيپال ۾ تباهي آڻيندڙ ٻوڏ سبب فوتين جو انگ وڌي 675 تي ويو، 2400 کان وڌيڪ گم

546 ماڻهو گم آهن. اسان جو نمائندو ٻڌائي ٿو ته تبت ۾ هن آفت جي تباهي جي مجموعي پيماني جو اندازو لڳائڻ وڌيڪ ڏکيو ٿي رهيو آهي

لڳ ڀڳ 20,000 سيڪيورٽي اهلڪار نيپال_تبت سرحد تي امدادي ۽ بچاءَ جي ڪارروائين لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن

ڏکيو ۽ ٽڪريلو علائقو ۽ برسات امداد پهچائڻ کي ”انتهائي ڏکيو“ ٻڌائي رهيا آهن

نيپال (م ڊ) نيپال جي مقامي عملدارن موجب، اربع ڏينهن آيل اوچتين ٻوڏن کان پوءِ نيپال ۾ گهٽ ۾ گهٽ 752 ماڻهو فوت ٿي چڪا آهن، جڏهن ته 2,500 کان وڌيڪ ماڻهو اڃا تائين گم آهن. بي بي سي موجب چين جي تبت واري علائق/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

اين آئي ايڇ جو ڊاڪٽر محمد سلمان 3 سالن لاءِ پمز جو ايگزيڪيٽو ڊائريڪٽر مقرر، نوٽيفڪيشن جاري

گريڊ 21 جي پمز جي اي ڊي ڊاڪٽر رانا عمران سڪندر کي 4 مهينن لاءِ معطل ڪيو ويو

اين آئي ايڇ جي ڊاڪٽر محمد سلمان کي 3 سالن لاءِ پمز جو ايگزيڪيٽو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو

ڊاڪٽر الطاف حسين کي 3 مهيني لاءِ پمز اسپتال جو جوائنٽ ايگزيڪيٽو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) پمز اسپتال جي 21 گريڊ جي ايگزيڪيٽو ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر رانا عمران سڪندر جي معطلي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب گريڊ 21 جي پمز جي اي ڊي ڊاڪٽر رانا عمران سڪندر کي 4 مهينن لاءِ معطل ڪيو ويو. اين آئي ايڇ جي ڊاڪٽر محمد سلمان کي 3 سالن لاءِ پمز جو ايگزيڪيٽو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر سلمان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

بندرگاهون ۽ شهر تاريخي طور تي هڪ ٻئي سان جڙيل آهن: وفاقي وزير

بندرگاهن کي روزگار، ٽيڪس محصولن، لاجسٽڪس، صنعتي سرگرمين ۽ واٽرفرنٽ جي نئين سر تخليق ذريعي بندرگاهي شهرن جي ترقي ۾ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

بندرگاهون ۽ شهر تاريخي طور تي هڪ ٻئي سان جڙيل آهن ۽ ان رشتي کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي

اقتصادي فائدا اڪثر بندرگاهي علائقن کان ٻاهر هوندا آهن پر ماحولياتي ۽ سماجي اثر اڪثر بندرگاهي شهرن تي پوندا آهن

هن پسگردائي جي ڪميونٽيز کي صحت جي سهولتن جي فراهمي ۾ بندرگاهن جو ڪردار بحال ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو

اسلام آباد (بيورو) سامونڊي معاملن واري وفاقي وزير محمد جنيد انوار چوڌري چيو آهي، ته بندرگاهن کي روزگار، ٽيڪس محصولن، لاجسٽڪس، صنعتي سرگرمين ۽ واٽرفرنٽ جي نئين سر تخليق ذريعي بندرگاهي شهرن جي ترقي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

سنڌ صوبي جي اڪثر ضلعن ۾ ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران موسم گرم رهڻ جو امڪان آهي: موسميات کاتو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ صوبي جي اڪثر ضلعن ۾ ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران موسم گرم /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

اسحاق ڊار پاران 104 هين سالگره جي موقعي تي ترڪ قيادت، حڪومت ۽ عوام کي مبارڪون

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ترڪيه جي يوم فتح ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

خيبر پختونخوا جي گورنر پاران سوات ايڪسپريس وي تي ٽريفڪ حادثي ۾ قيمتي انساني جانين جي نقصان تي افسوس جو اظهار

پشاور (م ڊ) خيبر پختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي سوات ايڪسپريس وي تي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڪراچي: بزم سائنسي ادب جي 331 هين ماهانه گڏجاڻي جو ڏيک

سعودي عرب جي علائقي نجران ۾ 18 لک سال قديم انساني آبادي جا آثار دريافت

سعودي هيريٽيج ڪميشن انهن قديمي آثارن کي ڏکڻ عرب ۾ انساني آبادي ۽ هجرت جي شروعاتي دور جو اهم ثبوت قرار

1980ع ۾ ڪيل سروي دوران وادي جي هڪ بلند سطح تان پٿر جي 34 اوزارن جو هڪ مجموعو مليو

رياض (م ڊ) سعودي عرب جي صوبي نجران جي علائقي شعب دحضه مان 19 لک سال قديم انساني آبادي جا آثار دريافت ٿيا آهن. پرڏيهي ميڊيا م/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ڪي پي حڪومت بي آر ٽي پشاور لاءِ 50 وڌيڪ بسون خريد ڪري ورتيون

خيبر پختونخواهه حڪومت پاران خريد ڪيل 50 نئين بسن مان، ايندڙ مرحلي ۾ 27 وڌيڪ بسون پشاور پهچنديون

جن مان 2 بسون ڪمپني پاران تحفي ۾ ڏنيون ويون آهن. بي آر ٽي بسن جو تعداد 244 کان وڌي 269 تي ويو

سيني نئين بسن جي اچڻ کان پوءِ، بي آر ٽي بسن جو ڪل تعداد 296 تي ويندو

پشاور (م ڊ) خيبر پختونخواهه حڪومت بي آر ٽي پشاور لاءِ 2.139 ارب رپين جون 50 وڌيڪ بسون خريد ڪيون آهن. خيبر پختونخواهه حڪومت پاران خريد ڪيل 50 نئين بسن مان، ايندڙ مرحلي ۾ 27 وڌيڪ بسون پشاور پهچن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

وفاقي وزير جو علامه اقبال انٽرنيشنل ايئرپورٽ لاهور جو دورو

مسافرن کي ڏنيون ويندڙ سهولتن ۽ ترقياتي منصوبن جو جائزو

اسلام آباد/ لاهور (بيورو) دفاع واري وفاقي وزير خواجه آصف علامه اقبال انٽرنيشنل ايئرپورٽ لاهور جو دورو ڪيو ۽ مسافرن جي سهولتن جي انتظ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمب19

ڪراچي ۾ وحدت سنڌ ريلي، سنڌ جو ورهاڱو نامنظور جا اپ ڏاريندڙ نعرا

قومپرستن، وڪيلن، اديبن ۽ دانشورن سميت پنجابي، پختون توڙي سرائيڪي اڳواڻن هر محاذ تان سنڌ جي تحفظ جو اعلان ڪري ڇڏيو

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سڏ تي وحدتِ سنڌ مارچ ڪيو ويو. مارچ ريگل چوڪ صدر کان شروع ٿيو

جيڪو شاهراهِ لياقت، سنڌ اسيمبلي، ڪورٽ روڊ، داتا ڪارنر ۽ سرور شهيد روڊ کان ٿيندو ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران پهچي ڌرڻي ۾ تبديل ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽ) قومپرستن، وڪيلن، اديبن ۽ دانشورن سميت پنجابي، پختون توڙي سرائيڪي اڳواڻن هر محاذ تان سنڌ جي تحفظ جو اعلان ڪندي چتاءُ ڏنو آهي ته جيڪڏهن سنڌ کي ٽوڙڻ جي ڪا به ڪوشش ڪئي وئي ته ڪراچي کان وٺي ڪشمور تائين سخت مزاحمت ڪئي ويندي. سنڌ اسيمبلي ۾ نثار کهڙو طرفان مهملي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمب18

PAEI
Pakistan Association of Exhibition Industry
MEMORANDUM OF UNDERSTANDING
SIGNING CEREMONY
PAEI & CISAS
Strengthening Pakistan – China Trade, Investment
Exhibition & Business Cooperation
Islamabad, Pakistan
China International Small and Medium Enterprises Association

ڪراچي: پاڪستان ايسوسي ايشن آف ايگزيبيشن انڊسٽري باني خورشد برلاس شيلڊ ڏيندي

ڪراچي ۾ فرانسيسي قونصل خانو مستقل طور تي بند ڪيو ويو

فرانسيسي قونصل خاني باضابطه طور تي قونصل خاني جي مستقل بندش جو اعلان

وڌيڪ، فرانسيسي قونصل خانو دوستن ۽ پائيوارن جو شڪريو ادا ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ فرانسيسي قونصل خانو مستقل طور تي بند ڪيو ويو آهي. فرانسيسي قونصل خاني باضابطه طور تي قونس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

حڪومت جي اثرائتي معاشي حڪمت عملي سبب قرضن جي وقت کان اڳ ادائگي ۾ تاريخي ڪاميابي حاصل

اثرائتين ماليتي پاليسين سبب پاڪستان مالي نظم وضبط ذريعي اقتصادي استحڪام جو نئون مثال قائم

پاڪستان پاران وقت کان اڳ قرضن جي ادائگين جو مجموعي ڳاڻيٽو 6000 ارب روپين ويجهو پهچي ويو

اسلام آباد (بيورو)حڪومت جي اثرائتي معاشي حڪمت عملي سبب قرضن جي وقت کان اڳ ادائگي ۾ تاريخي ڪاميابي حاصل ٿي آهي. اثرائتي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

پاڪستان ميري ٽائيم سيڪٽر ۾ نمايان سڌارا ۽ آپريشنل بهتري

ڪليئرنس کان پوءِ آڊٽ بندرگاهه جي ڪارڪردگي، شفافيت ۽ آمدني ۾ اضافو ڪيو آهي

پاڪستان نار بحران دوران ٽرانس شپمينٽ جي موقعن مان فائدو کنيو آهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان جي ميري ٽائيم سيڪٽر ۾ نمايان سڌارا ۽ آپريشنل بهتري ڏسڻ ۾ آئي آهي. ڪراچي پورٽ ۽ پورٽ قاسم لاءِ بهتر ع/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

گڊو 747 ميگاواٽ پاور پلانٽ جي بحالي لاءِ چٽاڀيٽي واڪ طلب

بجلي جي پيداواري خرچ ۾ 4 روپيا 19 پئسا في يونٽ گهٽتائي، 297 ميگاواٽ اضافي صلاحيت متوقع

منصوبي جي پڄاڻي سان پلانٽ جي بجلي جي پيداواري خرچ ۾ 4 روپيا 19 پئسا في يونٽ گهٽتائي اميد آهي

اسلام آباد (بيورو) پاور ڊويزن جي مسلسل ڪوشش جي نتيجي ۾ گڊو 747 ميگاواٽ پاور پلانٽ جي اسٽيم ٽربائن جي بحالي لاءِ عالم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

سوات، ڪوچ ۽ ڊمپر ۾ ٽڪر، 4 ڄڻا فوت

سوات ايڪسپريس وي سرنگ 2 جي ويجهو هڪ ڪوچ ۽ ڊمپر جي وچ ۾ خوفناڪ ٽڪر ٿيو

سوات ايڪسپريس وي سرنگ 2 جي ويجهو هڪ ڪوچ ۽ ڊمپر جي وچ ۾ هڪ خوفناڪ حادثو پيش آيو

مالاڪنڊ (م ڊ) سوات ايڪسپريس وي سرنگ 2 جي ويجهو هڪ ڪوچ ۽ ڊمپر جي وچ ۾ خوفناڪ ٽڪر ٿيو ريسڪيو اختيارين موجب، سوات /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

لاهور: شهري انارڪلي چوڪ جي ويجهو لڳل اسٽالز تي ڪتاب خريد ڪري رهيا آهن

سينيٽ چيئرمين ڪمبوڊيا جو دورو مڪمل ڪري وطن واپس پهچي ويو

اسلام آباد (بيورو) سينيٽ جو چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ڪمبوڊيا جو دورو مڪمل ڪرڻ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (بيورو) واپڊا ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي سان حيدرآباد ۽ ڪراچي جا واپاري ملاقات ڪندي

دنيا جو امن اسان جي علائقي مان پيدا ٿيندو: ايراني صدر

ڪو به اهڙي قوم کي هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور نٿو ڪري سگهي جيڪا پوري طاقت ۽ عزم سان بيٺل هجي

اسان جنگ شروع نه ڪئي ۽ نه ئي جنگ چاهيون ٿا، پر اسان ڪنهن به جارحيت ڪندڙ جي خلاف پوري طاقت سان بيٺا هونداسين

تهران (م ڊ) ايراني صدر مسعود پيشڪريان چيو آهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار لنڊن کان استنبول لاءِ روانو

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار لنڊن کان ترڪيه جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

صدر پاران يوم فتح جي موقعي تي ترڪ هم منصب ۽ عوام کي مبارڪون

30 آگسٽ 1922ع جي عظيم فتح ترڪيه جي تاريخ جو هڪ اهم باب آهي

ان ڳالهه تي اعتماد جو اظهار ڪيو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ ويجها ۽ ڀائيچارا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا رهندا

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري يوم فتح جي موقعي تي ترڪ هم منصب رجب طيب اردگان ۽ ترڪ عوام کي مبارڪون ڏنيون آهن. ايڪس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

لياقت باغ ۾ جلسي جي اجازت نه ملي ته راولپنڊي، اسلام آباد ۾ ڌرڻا هنيا ويندا: حافظ نعيم الرحمان

پنجاب حڪومت کي جماعت اسلامي جو ڌرڻو اکين ۾ ڪتڪي رهيو آهي. انهي لاءِ لياقت باغ کي تالا لڳايا ويا آهن

مان اڄ راولپنڊي وڃي رهيو آهيان جتي واپارين سان ملاقات ۽ لياقت باغ ۾ جلسو ڪيو ويندو

لاهور (م ڊ) جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

لاهور: امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

ڌابيجي پمپنگ اسٽيشن تي بجلي بحال، پاڻي جي فراهمي بحال

جمعي جي رات ڌابيجي پمپنگ اسٽيشن جي ٽئين مرحلي ۾ بجلي جو بريڪ ڊائون ٿيو

جنهن سبب ڪراچي کي 52 ملين گيلن پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پيو

بجلي بحال ٿيڻ کان پوءِ متاثر علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي پڻ بحال ڪئي وئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڌابيجي پمپنگ اسٽيشن تي بجلي بحال ڪئي وئي آهي، جنهن کان پوءِ ڪراچي جي متاثر علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي پڻ بحال ڪئي وئي آهي. واٽر ڪارپوريشن جي ترجمان موجب، جمعي جي رات ڌابيجي پمپنگ اسٽيش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

پاڪستان مستقبل جي ٽيڪنالاجي ۽ ڊجيٽل معيشت لاءِ تيار آهي: بلال بن ثاقب

پاڪستان نئين مالي ۽ ٽيڪنالاجي تبديلين کي سمجهڻ ۽ پنهنجي صلاحيت وڌائڻ لاءِ اڳتي وڌي رهيو آهي

پاڪستان مستقبل جي ٽيڪنالاجي ۽ ڊجيٽل معيشت لاءِ تيار آهي پاڪستان 6 مهينن کان به گهٽ عرصي ۾ ورچوئل اثاثن لاءِ ريگيوليٽري سسٽم قائم ڪيو

نئين ريگيوليٽري سسٽم کي ناهڻ ۽ هلائڻ تي لڳ ڀڳ 200,000 ڊالر خرچ ڪيا ويا

اسلام آباد (بيورو) مملڪتي وزير ۽ پاڪستان ورچوئل ايسٽس ريگيوليٽري اٿارٽي جي چيئرمين بلال بن ثاقب چيو آهي ته پاڪستان مستقبل جي ٽيڪنالاجي ۽ ڊجيٽل معيشت لاءِ تيار آهي. هانگ ڪانگ ۾ بٽ ڪوئن ايشيا ڪان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام، بيوروڪريسي 5 سالن ۾ ڪروڙين رپيا ضايع ڪيا

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي بيوروڪريسي گذريل 5 سالن ۾ سرڪاري گاڏين ۾ لکين رپين جو تيل وجهي ڇڏيو

بي آءِ ايس پي پروگرام تحت گاڏين جو تعداد 75 آهي، ۽ گذريل 5 سالن دوران انهن گاڏين لاءِ 810,000 ليٽر کان وڌيڪ ايندهن استعمال ڪيو ويو

سنڌ ۾ 17، خيبرپختونخواهه ۾ 7، بلوچستان ۾ 6، ۽ آزاد جموں ۽ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ 5 گاڏيون استعمال ۾ آهن

گذريل پنجن سالن ۾، بي آءِ ايس پي پاران استعمال ٿيندڙ گاڏين 810,000 ليٽر کان وڌيڪ ايندهن استعمال ڪيو

اسلام آباد (بيورو) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي بيوروڪريسي گذريل 5 سالن ۾ سرڪاري گاڏين ۾ لکين رپين جو تيل وجهي ڇڏيو آهي، پارليامينٽ ۾ پيش ڪيل رپورٽ موجب، بي آءِ ايس پي پروگرام تحت گاڏين جو تعداد 75/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

لاڙڪاڻو، 93 خطرناڪ اسڪول مسجدن ۽ اوطاقن ۾ منتقل

لاڙڪاڻو (رپورٽر) ضلعي تعليم آفيسر_ پرائمري (ڊي اي او_پرائمري) طرفان 93 زبون حال/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

زال سان زوري سيڪس، مڙس کي 10 سال قيد

لاهور (م ڊ) خاص اينٽي ريپ عدالت مڙس کي زال سان زيادتي جي الزام ۾ 10 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي. ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

نارووال: وفاقي وزير احسن اقبال بجلي جي مسئلن بابت ملاقات ڪندي

ٻن خاندانن ۾ جهيڙو، آزاد خان پاران جاچ جو حڪم

ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي ڊي آءِ جي سائوٿ کي ٽن ڏينهن اندر رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت

وائرل ڪلپ ۾ نظر ايندڙ پوليس اهلڪارن جي مبينا بدانتظامي بابت رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم جاري

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ڊفينس علائقي ۾ ٻن خاندانن جي وچ ۾ جهيڙي جو ڪيس، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان معاملي جي جاچ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

خانپور ۾ عورت کي اغوا ڪري جنسي زيادتي کان پوءِ قتل ڪندڙ 2 جوابدار پوليس مقابلي ۾ مارجي ويا

لاهور (م ڊ) پنجاب جي ضلعي خانپور ۾ ڪائنات بي بي اغوا، قتل ۽ زيادتي ڪيس ۾ پوليس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

دادو ۾ زميني تڪرار تان جهيڙو، 8 ڄڻا قتل

فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا 8 ماڻهون مارجي ويا، هڪ واٽهڙو عورت سميت 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن

ٻنهي ڌرين وچ ۾ فائرنگ جو سلسلو جاري آهي، اڪبر چانڊيو گروپ جا 6 ماڻهون شيخ گلاب چانڊيو گروپ جا 2 ڄڻا مارجي ويا

اطلاع تي پوليس اٿالا واقعي واري هنڌ پهچي وئي جن مان ڪجهه زخمين کي علاج لاءِ دادو اسپتال منتقل ڪيو ويو

دادو (رپورٽر) دادو پرسان ڪڇي واري علائقي جهلو ٽاٽي جي حد ۾ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ خوني زميني تڪرار تان فائرنگ ٿي آهي ذريعن موجب فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا 8 ماڻهون مارجي ويا، هڪ واٽهڙو عورت سمي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
سومر 31 آگسٽ 2026 ع بمطابق 17 ربيع الاول 1448ھ

پمز سانحو: غفلت جو احتساب، پر نظام جي سڌاري جي به ضرورت

پمز اسپتال ۾ معصوم ٻارن جي حياتين جي ضايع ٿيڻ وارو سانحو رڳو هڪ اسپتال ۾ پيش آيل افسوسناڪ حادثو نه، پر ملڪ جي صحت واري نظام، هنگامي حالتن سان منهن ڏيڻ جي تياري ۽ ادارتي ذميواري بابت انتهائي سنجيده سوال اٿاريندڙ واقعو آهي. ڪنهن به اسپتال ۾ داخل ٿيندڙ مريض، خاص طور تي نون ڄاول ۽ بيمار ٻار، پنهنجي جان ڊاڪٽرن، نرسن ۽ اسپتال جي انتظاميا جي حوالي ڪندا آهن. انهن جي حفاظت لاءِ جيڪڏهن بنيادي انتظام، تربيت ۽ هنگامي طريقيڪار ئي موجود نه هجن ته اهڙي غفلت کي معمولي انتظامي ڪوتاهي قرار نٿو ڏئي سگهجي.

پمز واقعي بابت وزيراعظم شهباز شريف پاران جاچ ڪميٽي جي عبوري رپورٽ جي بنياد تي اسپتال جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر سميت 8 ڄڻن کي معطل ڪرڻ ۽ ذميوارن خلاف کاتيوار توڙي فوجداري ڪارروائي جي منظوري ڏيڻ هڪ اهم قدم آهي. مجرمانه غفلت ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ ڪنهن به عهديدار کي صرف ان بنياد تي ڇوٽ نه ملڻ گهرجي ته هو ڪنهن وڏي عهدي تي فائز آهي. اسپتال جهڙي حساس اداري ۾ ذميواري جو مطلب رڳو انتظام هلائڻ نه، پر انساني زندگين جي حفاظت کي پهرين ترجيح ڏيڻ پڻ آهي.

جاچ ۾ سامهون آيل تفصيل وڌيڪ پريشان ڪندڙ آهن. جيڪڏهن پمز جي موجود 13 طريقيڪارن مان صرف ٻن ڊيلي حصن ۾ باهه يا هنگامي صورتحال جو ذڪر هجي، عملي کي مناسب تربيت حاصل نه هجي ۽ واقعي وقت نگراني وارو عملو به موجود نه هجي ته سوال رڳو ان ڏينهن ڊيوٽي تي موجود ماڻهن تائين محدود نٿو رهي. اصل سوال اهو آهي ته اسپتال جو مجموعي انتظامي نظام ڪٿي هو؟ هنگامي صورتحال لاءِ مشقون ڇو نه ڪرايون ويون؟ باهه وسائڻ ۽ ٻارن کي محفوظ هنڌ منتقل ڪرڻ لاءِ واضح منصوبو ڇو نه هو؟ ايمرجنسي خدمتن کي اطلاع ڏيڻ ۾ 6 منٽ ۽ امدادي عملي جي پهچڻ ۾ 15 منٽ ڇو لڳا؟

ٻارن جي وارڊ ۾ باهه جو ٻن منٽن اندر تيزيءَ سان پکڙجڻ ۽ سڄي وارڊ جو سڙي وڃڻ ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته اسپتالن ۾ باهه کان بچاءَ جا انتظام، هنگامي رستا، حفاظتي سامان ۽ عملي جي تربيت ڪيتري اهم آهي. اسپتال ڪا عام عمارت ناهي، جتي هنگامي صورتحال دوران ماڻهو پنهنجي مدد پاڻ ڪري ٻاهر نڪري سگهن. هتي اهڙا مريض به هوندا آهن، جيڪي هلڻ، ڳالهائڻ يا خطري کان بچڻ جي قابل ئي نه هوندا آهن. نون ڄاول ٻارن جي وارڊ ۾ ته هر سيڪنڊ قيمتي هوندو آهي.

هن سانحي جو هڪ روشن پاسو اهو ضرور آهي ته هڪ نرس پنهنجي جان خطري ۾ وجهي هڪ ٻار کي بچايو. اهڙي بهادري کي اعزاز ڏيڻ جو فيصلو ساراهه جوڳو آهي. ڇاڪاڻ ته صحت جي شعبي ۾ پنهنجون ذميواريون ايمانداري ۽ جرئت سان نڀائيندڙ ماڻهن جي حوصلا افزائي ٿيڻ گهرجي. پر هڪ نرس جي بهادري ڪنهن اداري جي نظاماتي ڪمزوري جو متبادل نٿي بڻجي سگهي. نظام اهڙو هجڻ گهرجي، جنهن ۾ ڪنهن هڪ فرد جي غيرمعمولي بهادري تي زندگي ۽ موت جو دارومدار نه هجي.

وزيراعظم پاران متاثر وارڊ ۾ موجود نرس ۽ عورت گارڊ کي عهدي تان هٽائي آفيسر آن اسپيشل ڊيوٽي مقرر ڪرڻ ۽ وڌيڪ جاچ جي هدايت پڻ احتياط سان اڳتي وڌڻ جو تقاضو ڪري ٿي. ڪنهن به واقعي ۾ ذميواري جو تعين شفاف ثبوتن، ڊيوٽي رڪارڊ ۽ حقيقتن جي بنياد تي ٿيڻ گهرجي، جيئن بيگناهه عملي سان ناانصافي نه ٿئي ۽ اصل ذميوارن کي بچڻ جو موقعو به نه ملي. احتساب جو مقصد قربانيءَ لاءِ قرباني ڏيڻ نه، پر انصاف تائين پهچڻ هجڻ گهرجي.

پمز جهڙي قومي سطح جي وڏي اسپتال ۾ جيڪڏهن هنگامي حالتن بابت عملي کي مناسب تربيت حاصل نه هجي ته اها صورتحال سڄي ملڪ جي سرڪاري اسپتالن لاءِ به خبرداري آهي. صحت کاتي کي هاڻي صرف پمز تائين محدود رهڻ بدران ملڪ جي سمورن وڏن سرڪاري اسپتالن جو هنگامي حفاظتي جائزو وٺڻ گهرجي. هر اسپتال ۾ باهه، زلزلي، شارٽ سرڪٽ، آڪسيجن ليڪيج ۽ ٻين هنگامي حالتن لاءِ واضح ۽ عملي طريقيڪار هجڻ گهرجي. عملي کي باقاعده تربيت ۽ مشقون ڪرائڻ گهرجن. ايمرجنسي دروازن ۽ رستن کي هر وقت کليل رکيو وڃي ۽ فائر سيفٽي نظام جي باقاعده جاچ لازمي بڻائي وڃي.

ساڳئي وقت اسپتالن ۾ ايمرجنسي خدمتن جي رسپانس ٽائيم بابت به واضح معيار مقرر ٿيڻ گهرجن. اطلاع ملڻ ۽ امدادي عملي جي پهچڻ ۾ ڊگهو وقفو ڪنهن به اسپتال لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. ان لاءِ اسپتال انتظاميا، ايمرجنسي خدمتن ۽ لاڳاپيل ادارن وچ ۾ اهڙو مربوط نظام هجڻ گهرجي، جيڪو چند منٽن ۾ فعال ٿي سگهي.

پمز سانحي جي جاچ رپورٽ قومي صحت واري وزارت جي ويب سائيٽ تي جاري ڪرڻ جو فيصلو پڻ شفافيت ڏانهن هڪ قدم آهي. پر عوام کي رڳو رپورٽ جاري ڪرڻ سان مطمئن نه ڪيو ويندو. عوام اهو ڏسڻ چاهي ٿو ته رپورٽ ۾ ذميواري طئي ٿيڻ کان پوءِ عملي طور ڪهڙا قدم کنيا ويا، ڪهڙين خامين کي ختم ڪيو ويو ۽ مستقبل ۾ اهڙي سانحي کي روڪڻ لاءِ ڪهڙا مستقل انتظام ڪيا ويا.

حقيقت اها آهي ته معصوم ٻارن جون حياتيون واپس نٿيون آڻي سگهجن. والدين لاءِ سندن اولاد جو وڇوڙو اهڙو زخم آهي، جيڪو ڪنهن معطلي يا سزا سان ختم نٿو ٿي سگهي. پر جيڪڏهن هن سانحي مان سبق وٺي اسپتالن جو نظام محفوظ بڻايو وڃي ته مستقبل ۾ ڪيترين ئي معصوم حياتين کي بچائي سگهجي ٿو. ان ڪري پمز واقعي ۾ احتساب ضرور ٿيڻ گهرجي، پر ان سان گڏ نظام جي مڪمل اصلاح، عملي جي تربيت ۽ مريضن جي حفاظت کي صحت پاليسي جو مرڪز بڻائڻ به لازمي آهي.

هي سانحو حڪومت لاءِ هڪ امتحان آهي ته ڇا هوءَ ڪجهه آفيسرن جي معطلي تائين محدود رهندي يا واقعي انهن بنيادي خامين کي ختم ڪندي، جن اهڙي سانحي کي جنم ڏنو. انصاف تڏهن مڪمل ٿيندو، جڏهن ذميوارن کي قانون موجب سزا ملڻ سان گڏ پمز ۽ ملڪ جي ٻين اسپتالن ۾ اهڙو مضبوط حفاظتي نظام قائم ڪيو وڃي، جتي ڪنهن معصوم ٻار جي زندگي انتظامي غفلت جي ور چڙهي نه سگهي.

ڊگريون هٿن ۾، خواب اکين ۾ ۽ روزگار غائب: پاڪستان جو نوجوان آخر ڪيڏانهن وڃي؟

غلام مصطفي جمالي

پاڪستان جي سڀ کان وڏي طاقت ان جا نوجوان آهن. اهڙو ملڪ، جنهن جي آبادي جو وڏو حصو نوجوانن تي مشتمل هجي، اتي ترقي جا امڪان به بيشمار هجڻ گهرجن. نوجوانن جي هٿن ۾ جيڪڏهن تعليم، هنر، روزگار جا موقعا ۽ بهتر مستقبل جي اميد هجي ته اها ئي نسل ملڪ جي معيشت کي تبديل ڪري سگهي ٿي، صنعتن کي نئين زندگي ڏئي سگهي ٿي ۽ دنيا آڏو پاڪستان جو هڪ مضبوط ۽ مثبت چهرو پيش ڪري سگهي ٿي. پر افسوس جو اڄ پاڪستان جو نوجوان پنهنجي صلاحيت استعمال ڪرڻ بدران پنهنجي مستقبل جي ڳولا ۾ در در جا دروازا کڙڪائي رهيو آهي.

ڪنهن نوجوان جي هٿ ۾ ڊگري آهي ته ڪنهن وٽ فني هنر، ڪنهن سالن جي محنت سان تعليم حاصل ڪئي آهي ته ڪنهن مختصر تربيت وٺي روزگار جون اميدون وابسته ڪيون آهن. پر جڏهن هو عملي زندگيءَ ۾ قدم رکي ٿو ته کيس هڪ تلخ حقيقت سان منهن ڏيڻو پوي ٿو ته تعليم مڪمل ڪرڻ ۽ روزگار حاصل ڪرڻ هاڻي ٻه الڳ مرحلا بڻجي چڪا آهن. يونيورسٽي مان نڪرندڙ نوجوان نوڪريءَ لاءِ درخواستون جمع ڪرائي ٿو امتحان ڏئي ٿو انٽرويوز ۾ ويهي ٿو پر ڪيترائي پيرا سالن تائين کيس پنهنجي قابليت مطابق مناسب روزگار نٿو ملي.

هي صورتحال رڳو هڪ فرد جو مسئلو ناهي، پر سڄي معاشري لاءِ خطري جي گهنٽي آهي. جڏهن هڪ تعليم يافته نوجوان پنهنجي قابليت مطابق ڪم حاصل نٿو ڪري سگهي ته سندس اندر مايوسي جنم وٺي ٿي. والدين، جن پنهنجي محدود آمدني مان ٻارن کي تعليم ڏني هوندي آهي، اهي به پريشان ٿي وڃن ٿا. گهرن ۾ اهو سوال بار بار اڀري ٿو ته آخر ايتري تعليم کان پوءِ به پٽ يا ڌيءَ ڇا ڪري؟ ۽ نوجوان جي ذهن ۾ اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته جيڪڏهن تعليم کان پوءِ به مستقبل محفوظ ناهي ته پوءِ تعليم جو فائدو ڇا؟

پاڪستان ۾ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ رڳو سرڪاري نوڪرين تي ڀاڙڻ ڪافي ناهي. هر سال لکين نوجوان عملي زندگيءَ ۾ داخل ٿين ٿا، جڏهن ته سرڪاري ادارا ايتري وڏي تعداد ۾ نوڪريون فراهم نٿا ڪري سگهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته خانگي شعبي، صنعت، زراعت، ننڍين صنعتن، ڪاروبار ۽ جديد ٽيڪنالاجي کي اهڙي نموني ترقي ڏني وڃي، جو نوجوان صرف نوڪري ڳولڻ وارا نه، پر روزگار پيدا ڪرڻ وارا به بڻجي سگهن.

پر ان لاءِ رڳو تقريرون ۽ اعلان ڪافي ناهن. نوجوان کي ڪاروبار شروع ڪرڻ لاءِ سرمايو گهرجي، رهنمائي گهرجي، مارڪيٽ تائين رسائي گهرجي ۽ اهڙو ماحول گهرجي، جتي هو ڪاغذي ڪارروائين ۽ غير ضروري رڪاوٽن ۾ ڦاسي پنهنجي همت نه هاري. جيڪڏهن ڪو نوجوان ننڍو ڪاروبار شروع ڪرڻ چاهي ٿو ته کيس آسان قرض، تربيت ۽ مارڪيٽ جون سهولتون ملڻ گهرجن. جيڪڏهن هو ٽيڪنالاجي جي شعبي ۾ اڳتي وڌڻ چاهي ٿو ته کيس جديد تعليم ۽ عملي تربيت جا موقعا فراهم ڪرڻ گهرجن.

اڄ دنيا تيزيءَ سان تبديل ٿي رهي آهي. مصنوعي ذهانت، ڊجيٽل معيشت، آن لائين واپار، آزاد پيشوراڻي ڪم ۽ جديد ٽيڪنالاجي روزگار جا نوان رستا کوليا آهن. پاڪستان جا نوجوان انهن شعبن ۾ پنهنجي صلاحيت جو مظاهرو به ڪري رهيا آهن، پر مسئلو اهو آهي ته انهن موقعن تائين رسائي اڃا تائين محدود آهي. وڏن شهرن جا نوجوان ڪنهن حد تائين جديد سهولتن مان فائدو وٺي وٺن ٿا، پر ٻهراڙين جا نوجوان اڃا تائين بنيادي انٽرنيٽ، معياري تعليم ۽ فني تربيت جهڙين سهولتن کان محروم آهن.

هي فرق ختم ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن پاڪستان جي ٻهراڙيءَ جي نوجوان کي به اهي ئي موقعا فراهم ڪيا وڃن، جيڪي وڏن شهرن جي نوجوان کي حاصل آهن، ته ملڪ جي معيشت ۾ هڪ نئين توانائي پيدا ٿي سگهي ٿي. سنڌ، بلوچستان، خيبر پختونخوا ۽ پنجاب جي پري وارن علائقن ۾ هزارين نه پر لکين اهڙا نوجوان موجود آهن، جن ۾ صلاحيت جي ڪا کوٽ ناهي، کوٽ رڳو موقعن جي آهي.

سڀ کان وڌيڪ ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهه اها آهي ته روزگار جي ڳولا ۾ نوجوانن جو وڏو انگ ملڪ کان ٻاهر وڃڻ کي پنهنجي مستقبل جو واحد رستو سمجهڻ لڳو آهي. پرڏيهه وڃڻ جو خواب غلط ناهي، پر جيڪڏهن هڪ ملڪ پنهنجي پڙهيل لکيل نوجوانن کي روڪڻ لاءِ مناسب موقعا پيدا نه ڪري سگهي ته اهو قومي سطح تي هڪ سنجيده سوال بڻجي وڃي ٿو. ڊاڪٽر، انجنيئر، آءِ ٽي ماهر، ٽيڪنيشن، استاد ۽ ٻيا هنرمند نوجوان جڏهن بهتر مستقبل لاءِ ٻين ملڪن جو رخ ڪن ٿا ته ملڪ رڳو هڪ فرد نٿو وڃائي، پر ان تعليم ۽ تربيت تي ٿيندڙ سيڙپڪاري پڻ وڃائي ويهي ٿو.

حڪومتون نوجوانن لاءِ مختلف منصوبن ۽ پروگرامن جا اعلان ڪنديون رهن ٿيون، پر اصل ڪاميابي اعلانن جي تعداد مان نه، پر انهن منصوبن جي عملي نتيجن مان ظاهر ٿيندي آهي. نوجوان کي اهو ڄاڻڻ جي ضرورت ناهي ته ڪيترا پروگرام شروع ڪيا ويا، هن کي اهو ڏسڻو آهي ته کيس روزگار مليو يا نه، ڪاروبار شروع ڪرڻ ۾ مدد ملي يا نه، ۽ سندس محنت کي مارڪيٽ ۾ مناسب اجورو مليو يا نه.

ساڳئي وقت خانگي شعبي کي به پنهنجي ذميواري سمجهڻي پوندي. صنعتون ترقي ڪنديون ته روزگار جا موقعا وڌندا. سيڙپڪاري وڌندي ته نيون ڪمپنيون قائم ٿينديون. پر سيڙپڪاري لاءِ سياسي استحڪام، پاليسين جو تسلسل، آسان ڪاروباري ماحول ۽ توانائي جي مناسب قيمت ضروري آهي. جڏهن ڪاروباري طبقو پاڻ غير يقيني صورتحال جو شڪار هجي ته هو نيون نوڪريون پيدا ڪرڻ کان به پاسو ڪندو.

پاڪستان جي نوجوان کي خيرات نه، موقعو گهرجي. کيس سفارش جي ضرورت ناهي، کيس اهڙو نظام گهرجي، جتي قابليت فيصلو ڪري. کيس رڳو واعدن کان وڌيڪ عملي رستا گهرجن. کيس اهڙي تعليم گهرجي، جيڪا کيس رڳو امتحان پاس ڪرڻ جي قابل نه بڻائي، پر زندگي ۽ روزگار جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ جي قابل پڻ بڻائي.

اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته تعليم ۽ روزگار جي وچ ۾ موجود وٿي ختم ڪئي وڃي. يونيورسٽين ۾ رڳو ڊگريون ڏيڻ بدران صنعتن ۽ مارڪيٽ جي ضرورتن مطابق تعليم ڏني وڃي. فني تعليم کي عزت ڏني وڃي، هنرمند نوجوانن کي مالي ۽ فني مدد فراهم ڪئي وڃي ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي شعبن ۾ تربيت جا موقعا هر ضلعي تائين پهچايا وڃن. ڇو ته جيڪڏهن نوجوان جي هٿ ۾ ڊگري هجي، اکين ۾ خواب هجن، پر سامهون روزگار جو دروازو بند هجي ته مايوسي رڳو ان نوجوان تائين محدود نٿي رهي. اها مايوسي سڄي معاشري ۾ پکڙجي ٿي. ۽ جڏهن هڪ پوري نسل پنهنجي مستقبل بابت غير يقيني جو شڪار ٿي وڃي ته ملڪ جي ترقيءَ جو خواب به ڪمزور ٿيڻ لڳي ٿو.

پاڪستان کي پنهنجي نوجوانن کان رڳو ووٽ، نعرا ۽ قربانيون نه گهرڻ گهرجن: کيس پنهنجي نوجوانن کي مستقبل به ڏيڻو پوندو. اڄ جو نوجوان جيڪڏهن ملڪ اندر عزت سان روزگار حاصل ڪندو ته هو پاڪستان جي معيشت جو ڦيٿو تيز ڪندو. جيڪڏهن کيس موقعا نه ملندا ته هو انهن موقعن جي ڳولا ۾ سرحدن کان ٻاهر نڪري ويندو. فيصلو اڃا به اسان جي هٿن ۾ آهي. ڇا اسان نوجوانن کي رڳو بيروزگاري جي انگن اکرن ۾ ڏسنداسين يا کين ملڪ جي سڀ کان وڏي معاشي قوت سمجهنداسين؟ جيڪڏهن پاڪستان پنهنجي نوجوانن کي صحيح سمت، معياري تعليم، هنر، سرمايو ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪري ڇڏيا ته اها ئي نسل ايندڙ سالن ۾ ملڪ جي تقدير بدلائي سگهي ٿي.

پر جيڪڏهن ڊگريون ونڊنديون رهيون، خواب ونڊندا رهيا ۽ روزگار جا دروازا بند رهيا ته سوال رڳو اهو نه هوندو ته نوجوان آخر ڪيڏانهن وڃي، سوال اهو هوندو ته پاڪستان پنهنجي نوجوانن کي آخر ڪيستائين وڃائيندو رهندو؟

اردو ڳالهائيندڙ صحافين لاءِ سنڌي ٻولي جا ڪلاس بهترين قدم

اعجاز ممنائي

ٻولي ئي قوم جي سڃاڻپ هوندي آهي. جڏهن صحافي پنهنجي علائقي جي ٻولي ڄاڻي ٿو ته خبرن ۾ به سچائي ۽ اپنائيت اچي ويندي آهي. انهيءَ سوچ سان ڪراچي پريس ڪلب انتظاميا هڪ وڏو ۽ مثبت قدم کنيو آهي. هاڻي ڪراچي پريس ڪلب ۾ اردو ڳالهائيندڙ صحافين لاءِ سنڌي ٻولي جي سکيا جا باقاعده ڪلاس شروع ڪيا ويا آهن. هن قدم جو مقصد نه رڳو ٻولي سکڻ آهي پر ان سان گڏ پنهنجي ديس جي ماڻهن سان ويجهڙائپ رکي انهن جي مڙني معاملن کي اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ به آهي. هونءَ به جنهن ديس ۾ رهبو آهي ان جي ٻولي ۽ ثقافت کي اپنائڻ فرض ۾ شامل هجي ٿو ماضيءَ جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته انگريز جڏهن به پنهنجو نمائندو ڪنهن علائقي تي موڪليندا هئا ته پهرئين ان کي علائقي جي ٻولي سيکاريندا هئا ۽ ان متعلق ان جو امتحان وٺندا هئا. اهو سڀ انڪري ڪندا هئا ته جيئن اهو مسئلا ٻڌي انهن جو حل ڳولي سگهي. ڪراچي سنڌ جي دل آهي ۽ هتي مختلف ٻولين جا ماڻهو گڏ رهن ٿا. پر ميڊيا ۾ اڪثر ڏٺو ويو آهي ته اردو ڳالهائيندڙ صحافين کي سنڌي ٻولي لکڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ ڏکيائي پيش ايندي آهي. جنهنڪري سنڌ جي اندروني ضلعن جون خبرون، مسئلا ۽ ثقافت صحيح نموني قومي ميڊيا تائين نه پهچائي سگهندا آهن. هن ڪلاس جو مقصد اهو آهي ته اردو ڳالهائيندڙ صحافي بنيادي سنڌي ٻولي سکي، سنڌ جي ماڻهن کان سنڌي ٻوليءَ ۾ انٽرويو وٺي سگهن، سنڌيءَ ۾ رپورٽ لکي سگهن ۽ سنڌ جي ماڻهن سان سڌو رابطو ڪري سگهن. ڇو ته ٻولي ڪنهن به قوم جي سڃاڻپ، تاريخ ۽ ثقافت جو آئينو هوندي آهي. سنڌي ٻولي به سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن جي سڃاڻپ آهي. اها دنيا جي قديم ۽ مٺي ٻولين مان هڪ آهي جنهن ۾ صوفي شاعري، ادب، تاريخ ۽ رواداري جي خوشبو شامل آهي. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻولي هزارين سال پراڻي آهي. موهن جي دڙي جي تهذيب کان وٺي اڄ تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ علم، ادب ۽ حڪمت محفوظ آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، سامي ۽ ٻين صوفي شاعرن پنهنجي ڪلام ذريعا سنڌي ٻوليءَ کي عالمي سطح تي سڃاڻپ ڏني اجرڪ، ٽوپي، موسيقي، لوڪ ڪهاڻيون ۽ رسم رواج سڀ سنڌي ٻوليءَ سان جڙيل آهن. جڏهن اسين سنڌي ڳالهايون ٿا ته اسان پنهنجي ڏاڏن جي ورثي کي زنده رکون ٿا. ٻوليءَ ڪانسواءِ ثقافت انڌي ٿي ويندي آهي. مادري ٻولي ۾ تعليم جلدي سمجهه ۾ ايندي آهي. ٻار جڏهن سنڌي ۾ پڙهندو آهي ته سندس سوچڻ جي صلاحيت بهتر ٿيندي آهي. سنڌي ۾ سائنس، ادب، تاريخ ۽ ٽيڪنالاجي تي ڪتاب لکڻ سان نئين نسل کي پنهنجي ٻوليءَ تي فخر ٿيندو آهي. 1947 ع کان 2026 ع يعني 79 سالن جي عرصي تائين سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي ٻولي نه سکي سگهيا آهن ته ان ۾ قصور ڪنهن ٻئي جو نه پر پنهنجو ئي آهي سنڌ هڪ ڳڏيل صوبو آهي. هتي سنڌي ڳالهائيندڙ، اردو ڳالهائيندڙ ۽ ٻين ٻولين جا ماڻهو گڏ رهن ٿا. جيڪڏهن اسين سنڌي ٻولي سکنداسين ته هڪ ٻئي جي دلين تائين پهچنداسين. ڪراچي پريس ڪلب ۾ سنڌي جا ڪلاس به انهيءَ ڀائيچاري لاءِ هڪ بهترين قدم آهي. سنڌي ٻولي تصوف جي ٻولي آهي. شاهه جي رسالي جي هر بيت ۾ انسان دوستي، محبت ۽ رواداري جو پيغام آهي. اها ٻولي نفرت جي بدران پيار سيکاري ٿي. اڄ سوشل ميڊيا ۽ انگريزيءَ جي دور ۾ اسان جي ٻوليءَ کي خطرو آهي پر جيڪڏهن اسين گهرن ۾، اسڪولن ۾ ۽ ميڊيا ۾ سنڌي استعمال ڪنداسين ته اها ٻولي وڌيڪ ترقي ڪندي. حڪومت، استادن ۽ والدين جي ذميواري آهي ته اهي نئين نسل کي سنڌي پڙهڻ ۽ لکڻ سيکارين. ڇو ته سنڌي ٻولي رڳو ڳالهائڻ جو وسيلو نه آهي، اها اسان جي ماءُ آهي. ماءُ کي وسارڻ جو مطلب آهي پنهنجي بنياد کي وسارڻ. تنهنڪري اسان سڀني تي فرض آهي ته اسين سنڌي ٻولي کي بچايون، سڌاريون ۽ نئين نسل تائين پهچايون. ڇو ته جيڪا قوم پنهنجي ٻولي وساري ٿي، اها پنهنجو پاڻ وساري ويهي ٿي ڪراچي پريس ڪلب جي سهڪار سان ماهر استاد هنن ڪلاسن کي هلائي رهيا آهن. هفتي ۾ 3 ڏينهن ڪلاس ٿيندا. جنهن ۾ بنيادي سنڌي گرامر ۽ لفظ روزمره استعمال جا جملاءِ لفظ شامل آهن جڏهن ته لکڻ جي مشق ۾ خبر، فيچر ۽ انٽرويو لکڻ جي ٽريننگ پڻ ڏني وڃي ٿي. ان سان گڏ ڳالهائڻ جي مشق ۾ تلفظ، لهجو ۽ انٽرويو ڪرڻ جو طريقو به سيکاريو وڃي ٿو. سنڌي ثقافت ۽ صحافت سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ صحافتي روايتن جو تعارف ڪرائي ٿي ڪلاس ۾ شرڪت ڪندڙ صحافين جو چوڻ آهي ته اهو قدم وقت جي ضرورت آهي. هڪ صحافي چيو ته "جڏهن اسان سنڌي ٻوليءَ ۾ سوال ڪنداسين ته ماڻهو وڌيڪ کُلي ڳالهائيندو ۽ اصل مسئلا سامهون ايندا." "صحافتي ماهرن جو چوڻ آهي ته هي قدم ٻن قومن جي وچ ۾ فاصلا گهٽائيندو. جڏهن اردو ۽ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ صحافي هڪ ٻئي جي ٻولي سمجهندا ته نفرت جي بدران ڀائيچارو وڌندو. ان سان گڏ سنڌ جي پوئتي پيل علائقن جا مسئلا به قومي سطح تي بهتر نموني اجاگر ٿي سگهندا. ڪراچي پريس ڪلب جي صدر ۽ سيڪريٽري موجب اسان چاهيون ٿا ته ڪراچي جو ميڊيا واقعي سنڌ جو آواز بڻجي. ٻولي جي ديوار ٽوڙڻ سان ئي سچي صحافت ممڪن آهي. ڪراچي پريس ڪلب جو اهو قدم رڳو ٻولي جي سکيا جو ڪلاس نه آهي، پر اهو اتحاد، سمجهه ۽ سچي صحافت ڏانهن هڪ سفر آهي. اميد آهي ته ٻين ادارن ۾ به هن مثال جي پيروي ڪندي اردو ۽ سنڌي ٻنهي ٻولين جي فروغ لاءِ ڪم ڪندا ڇوته سکڻ جي ڪا به عمر نه هوندي آهي

بقايا * 01**

تائين اسلام آباد جو دورو ڪيو. وفد ۾ ماحوليات واري وزارت، پاڻي، زراعت، جنرل فوڊ سيڪيورٽي اٿارٽي ۽ لاڳاپيل ادارن جون اختياريون شامل هيون. پڌرائي موجب ٻنهي ملڪن انهي ارادي جو اظهار ڪيو ته پاڪستان جي سعودي عرب لاءِ برآمدات کي 3 ارب ڊالر تائين پهچايو ويندو. ايندڙ ٻن سالن جي دوران برآمدات جي حدف کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. وزيراعظم شهباز شريف سان سعودي وفد ملاقات ڪئي ۽ امڪاني تعاون تي ڳالهيون ڪيون. پاڪستان جي طرفان وفد جي قيادت وفاقي وزير فوڊ سيڪيورٽي رانا تنوير حسين ڪئي. دوري ۾ پاڪستان، سعودي عرب ايگريڪلچر اينڊ فوڊ اسٽريٽجڪ پلان تي بريفنگ ٿيون. سعودي وفد ايس آئي ايف سي، فوجي فائونڊيشن، پاڪ سعودي ايگري بزنس فورم جو دورو ڪيو. سعودي وفد نيشنل ايگريڪلچرل ريسرچ سينٽر جو دورو به ڪيو. ڌرين پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ گهرا، تاريخي ۽ پائدار لاڳاپن جو اعادو ڪيو. پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان 2025 ۾ سعودي عرب درآمدي منڊي کي تقريبن 169.000 ٽن چانور فراهم ڪيا. پاڪستاني برآمدي چانورن جي ماليت تقريبن 163 ملين ڊالر هئي. سعودي وفد ايندڙ سالن ۾ چانور جي ٻطرفي واپار کي وڌيڪ وڌائڻ ۾ دلچسپي جو اظهار ڪيو. پڌرائي موجب سعودي وفد پاڪستان کان ڳائي گوشت جي درآمد کي بيهٽو ڪرڻ ۾ دلچسپي جو اظهار ڪيو. فروٽ ۽ انهي جي ڪنسنٽريٽس جي باري ۾ پاڪستان جي برآمدي حصي کي وڌيڪ وڌائڻ جي وسيع امڪانن کي اجاگر ڪيو ويو. سعودي وفد سائي چاري جي ڊگهي مدي جي سپلائي پارٽنرشپ جي قيام لاءِ اميد ڏيندڙ شعبو قرار ڏنو ڌرين بکر پنجاب ۾ آبپاشي پروگرام جي پهرين مرحلي جي ڪاميابي سان مڪمل ٿيڻ تي آجيان ڪئي. سعودي وفد پاڪستان کي انٽرنيشنل ڊيٽس ڪونسل ۾ شموليت جي به دعوت ڏني.

بقايا * 02**

اجلاس سڀاڻي استنبول ۾ ٿيندو، ترڪ پرڏيهي وزارت جي ذريعن موجب اجلاس ۾ ٽنهي ملڪن جون اعليٰ اختياريون شرڪت ڪنديون نائب وزيراعظم سينيٽر اسحاق ڊار استنبول پهچي ويو آهي. پرڏيهي خبرون ڏيندڙ ايجنسي موجب ترڪ پرڏيهي وزارت جي ذريعن جو چوڻ آهي ته ترڪيه، سعودي عرب ۽ پاڪستان جي اعليٰ اختيارين هلندڙ مهيني طئي ٿيل ڳڏيل دفاعي معاهدي جي تحت پهرين ڪميٽي جي اجلاس جي لاءِ سومر جي ڏينهن استنبول ۾ جمع ٿيندا. خبرون ڏيندڙ ايجنسي موجب ترڪ پرڏيهي وزارت جي ذريعن ٻڌايو ته استنبول ۾ ٿيل انهي اهم اجلاس ۾ ٽنهي ملڪن جا پرڏيهي وزير، وزير دفاع ۽ هٿيار بند فوج جا چيفس آف اسٽاف شرڪت ڪندا. ذريعن موجب اجلاس جي ايجنڊا ۾ عالمي سلامتي جا معاملا سرفهرست هوندا ۽ اميد آهي ته ڳالهين ۾ دفاعي صلاحيتن کي وڌائڻ، هٿياربند فوج جي وچ ۾ هم آهنگي ۽ دفاعي صنعت ۾ ڳڏيل پيداوار ۽ تياري سميت تعاون کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ جا معاملا بحث هيٺ ايندا.

بقايا * 03**

۾ اهو ٻڌائي معاملو ختم ڪري ڇڏيو آهي ته پي ٽي آءِ جي باني مڪمل طور تي صحتمند آهي، خدا جو شڪر آهي. سوشل ميڊيا تي پنهنجي بيان ۾ خواجه آصف چيو ته پي ٽي آءِ جي باني جي پيٽ پاڻ هڪ ڊاڪٽر آهي ۽ هن پنهنجي پاءِ سان ڊاڪٽرن سان ملاقات ڪئي هئي. پي ٽي آءِ جي باني جي پيٽ پاڻ سندس بلڊ پريشر به چيڪ ڪيو. جيڪو مڪمل طور تي نارمل هو. خواجه آصف چيو ته عمران خان جي پيٽ ۽ ذاتي ڊاڪٽرن جي صحت بابت هي بيان عمران خان جي مداحن، خاص طور تي پرڏيهي ملڪن ۾ سندس مداحن کي سڌو نه لڳو. اهي غم ۽ پريشاني جو ماحول برقرار رکڻ چاهين ٿا ته جيئن احتجاج کي باهه ڏئي سگهجي ۽ پي ٽي آءِ جي باني جي واپسي لاءِ ملڪ ۾ بحران پيدا ڪري حڪومت کي تبديل ڪري سگهجي. هن چيو ته اهي اميدون ٽٽي ويون آهن. پر هاڻي پرڏيهي ميڊيا ذريعي صورتحال کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته پي ٽي آءِ جي باني جي صحت تمام خراب آهي. خواجه آصف چيو ته اهو ڪوڙ آهي جنهن جي انهن ماڻهن کي سخت ضرورت آهي.

بقايا * 04**

کي آزاد ڪشمير جو وزيراعظم بڻائڻ جو فيصلو نواز شريف جو هو. جيو نيوز جي پروگرام جرگه ۾ ڳالهه ٻولهه دوران رانا ثناءُالله چيو ته بئريسٽر افتخار گيلاني کي وزيراعظم بڻائڻ جو فيصلو پارٽي قيادت ۽ ميان نواز شريف جو هو. هن وڌيڪ چيو ته اهو پارٽي قيادت لاءِ هڪ ڏکيو فيصلو هو. پر [illegible] ليگ (ن) جي افتخار گيلاني کي آزاد ڪشمير جو 17 هون وزيراعظم چونڊيو ويو آهي. هن کي 30 ووٽ مليا جڏهن ته پيپلز پارٽي جي سردار مختار خان کي 14 ووٽ مليا. افتخار گيلاني پهريون پيرو 2011 ۾ آزاد ڪشمير جي قانون ساز اسيمبلي لاءِ چونڊيو ويو هو. افتخار گيلاني آزاد ڪشمير جي تعليم واري وزير طور پڻ خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي.

بقايا * 05**

ي ۾ سرڪاري طور فوت ٿيلن جو انگ 16 آهي، جڏهن ته چيني سرڪاري ميڊيا موجب 546 ماڻهو گم آهن. اسان جو نمائندو ٻڌائي ٿو ته تبت ۾ هن آفت جي تباهي جي مجموعي پيماني جو اندازو لڳائڻ وڌيڪ ڏکيو ثابت ٿي رهيو آهي. لڳ ڀڳ 20,000 سيڪيورٽي اهلڪار نيپال-تبت سرحد تي امدادي ۽ بچاءَ جي ڪاروائين لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن. ڳڏيل قومن جو چوڻ آهي ته ڏکيو ۽ پٿريلو علائقو ۽ برسات امداد پهچائڻ کي "انتهائي ڏکيو" بڻائي رهيا آهن. چيني سرڪاري ميڊيا موجب، ڇنڇر ڏينهن لينڊ سلائيڊنگ کان پوءِ ٺهيل هڪ نئين بند ٿيل ڍنڍ (Barrier Lake) جو جائزو ورتو پيو وڃي. بي بي سي سان ڳالهائيندي آفتن جي خطري بابت هڪ ماهر ٻڌايو ته ٻيهر ايندڙ ٻوڏ جا سنگين نتيجا ٿي سگهن ٿا. ڀلي اها پهرين ٻوڏ جي پيٽ ۾ ننڍي پيماني تي ئي ڇو نه هجي.

بقايا * 06**

اين آئي ايچ جو به ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر رهندو. نوٽيفڪيشن موجب ڊاڪٽر الطاف حسين کي 3 مهيني لاءِ پمز اسپتال جو جوائنٽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو آهي. پمز اسپتال جي ٻين شعبن بابت به انتظامي نوٽيفڪيشن جاري ڪيا ويا آهن. ياد رهي ته وزيراعظم شهباز شريف پمز سانحي تي اسپتال جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر عمران سڪندر سميت 8 ڄڻن کي فوري طور تي معطل ڪرڻ جي ڪاروائي جي منظوري ڏني هئي. انهن 8 ڄڻن ۾ پمز جو ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر عمران سڪندر، سيڪيورٽي تي مقرر ڪمپني ۽ عهديدارن جي خلاف ڪاروائي جي به منظوري ڏني وئي هئي. معطل ٿي ويلن ۾ جوائنٽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرز ڊاڪٽر مظاهر شاهه ۽ ڊاڪٽر اويس علي شاهه شامل هئا. انهي کان علاوه ڊاڪٽر نوشيله امجد، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سيڪيورٽي محمد عثمان، سي ڊي اي جي ايمرجنسي سروس جي ڊي جي عبدالرحمان، نيونيٽل ڊپارٽمينٽ جي سربراهه ڊاڪٽر سعديه رياض ۽ سينئر رجسٽرار به معطل ٿيلن ۾ شامل هئا.

بقايا * 07**

۾ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. بندرگاهون ۽ شهر تاريخي طور تي هڪ ٻئي سان جڙيل آهن ۽ ان رشتي کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي. ساموندي معاملن پاران جاري پڌرائي موجب هن چيو ته اقتصادي فائدا اڪثر بندرگاهي علائقن کان ٻاهر هوندا آهن پر ماحولياتي ۽ سماجي اثر اڪثر بندرگاهي شهرن تي پوندا آهن. شهري ترقي ۾ بندرگاهن جي ڪردار جي حوالي سان هن چيو ته بندرگاهون شهري اقتصادي ترقي جو محرڪ آهن. هن پسگردائي جي ڪميونٽيز کي صحت جي سهولتن جي فراهمي ۾ بندرگاهن جو ڪردار بحال ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڀريو. هن چيو ته ڪراچي پورٽ ٽرسٽ پنهنجو 35 هون مفت طبي ڪيمپ پٽ آئي لينڊ ۾ منعقد ڪيو جنهن ۾ ساموندي ڪناري وارين ڪميونٽيز ۾ طبي سار سنڀال تائين رسائي کي بهتر بڻائڻ وارن قدمن تحت 513 رهائشين کي صحت جي سار سنڀال جون خدمتون فراهم ڪيون ويون. ڪيمپ ۾ رپورٽ ٿيل 70 سيڪڙو ڪيس چمڙي جي بيمارين بابت هئا جڏهن ته ڪيمپ ۾ آيل مريضن ساهه ۽ معدي جي بيمارين جي پڻ شڪايت ڪئي. ڪجهه مريض هاءِ بلڊ پريشر سميت شگر ۽ ٻين موذي مرضن ۾ مبتلا هئا. هن ڪي پي ٽي تي زور ڀريو ته صحت جي ضروري خدمتن کي ڪميونٽيز جي ويجهو آڻڻ لاءِ اهڙا قدم جاري رکيا وڃن ۽ خاص طور تي ٻيٽن ۽ ساموندي ڪناري وارن رهائشين کي طبي سهولت جي فراهمي يقيني بڻائي ويندي.

بقايا * 08**

رهڻ جو امڪان آهي. موسميات کاتي پاران جاري پڌرائي موجب صوبي جي ساموندي ڪنارن وارن علائقن ۾ ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران جزوي جهڙالي رهندي جڏهن ته صوبي جي ٻين علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهڻ جو امڪان آهي.

بقايا * 09**

ي 104 هين سالگره جي موقعي تي ترڪيه جي قيادت، حڪومت ۽ برادر عوام کي مبارڪون پيش ڪندي چيو آهي، ته اسان پنهنجن ترڪ ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏجي ان تاريخي فتح جي خوشي [illegible] عزم، حوصلي ۽ ثابت قدمي جي لازوال جذبي کي سلام پيش ڪيون ٿا. پاڪستان ۽ ترڪيه ڳڏيل اعتماد، محبت ۽ ٻنهي قومن وچ ۾ گهري دلي وابستگي تي ٻڌل غير معمولي پائيدار رشتي ۾ ٻڌل آهن. اسان جا ٻه طرفه لاڳاپا وقت سان گڏوگڏ هڪ جامع ۽ گهڻ رخي شراڪتداري جي صورت اختيار ڪري چڪا آهن. هن چيو ته الله ڪري پاڪستان ۽ ترڪيه وچ ۾ دوستي ۽ پائيدار لاڳاپن جو اهو لازوال رشتو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ٿيندو رهي.

بقايا * 10**

ٽريفڪ حادثي ۾ قيمتي انساني جانين جي نقصان تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي. خيبر پختونخوا جي گورنر جي پبلڪ رليشن آفيسر پاران جاري تعزيتي پيغام ۾ گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي حادثي ۾ فوت ٿي ويل ماڻهن جي وارثن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو. گورنر زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي ۽ لاڳاپيل ادارن کي زخمين کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي. گورنر چيو ته ڏک جي ان گهڙي ۾ فوت ٿي ويل ماڻهن جي خاندانن سان ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهيان. گورنر فوت ٿي ويلن جي درجن جي بلندي ۽ پوئين لاءِ صبر جي دعا پڻ ڪئي.

بقايا * 11**

وجب سعودي هيريٽيج ڪميشن انهن قديمي آثارن کي ڏکڻ عرب ۾ انساني آبادي ۽ هجرت جي شروعاتي دور جو اهم ثبوت قرار ڏنو آهي. هتان مليل پٿر جا اوزار شروعاتي حجري (لوئر پيليوليٿڪ) دور جا آهن جيڪي 1.2 کان 1.8 ملين سال پراڻا آهن. 1980 ۾ ڪيل سروي دوران وادي جي هڪ بلند سطح تان پٿر جي 34 اوزارن جو هڪ مجموعو مليو جيڪي سخت ۽ لچدار ڪوارٽزائيٽ سان ٺهيل هئا. انهن اوزارن ۾ مختلف قسم جا ڪٽر، ڪرچي، بليڊ ۽ هٿوڙا شامل آهن جن کي گوشت ڪٽڻ، هڏا ٽوڙڻ ۽ کل لاهڻ جهڙن مختلف ڪمن لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو.

بقايا * 12**

ديون. جن مان 2 بسون ڪمپني پاران تحفي ۾ ڏنيون ويون آهن. بي آر ٽي جي بسن جو تعداد 244 کان وڌي 269 ٿي ويو آهي. جڏهن ته سيني نئين بسن جي اچڻ کان پوءِ بي آر ٽي بسن جو ڪل تعداد 296 ٿي ويندو. ٽرانس پشاور موجب، موجوده 244 بي آر ٽي بسن مان، 5 بسون عورتن لاءِ مخصوص ڪيون وينديون. انهن گلابي بسن جي روٽس بابت تفصيل پڻ جلد مڪمل ڪيا ويندا. ٽرانس پشاور موجب، بي آر ٽي بسن جي کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ صوبائي حڪومت کي 100 بسون خريد ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي هئي، جن ۾ 50 ڊيزل هائبرڊ ۽ 50 اليڪٽرڪ بسون شامل آهن. صوبائي ڪابينا جي منظوري کان پوءِ، پهرين مرحلي ۾ 50 ڊيزل هائبرڊ بسون خريد ڪرڻيون هيون. جڏهن ته ٻئي مرحلي ۾ 50 اليڪٽرڪ بسون خريد ڪيون وينديون. ٽرانس پشاور جي مطابق، بسن جي خريداري جي ڪل قيمت جو اندازو 3.2 ارب رپيا لڳايو ويو هو.

بقايا * 13**

ايڪسپريس وي سرنگ 2 جي ويجهو هڪ ڪوچ ۽ ڊمپر جي وچ ۾ هڪ خوفناڪ حادثو پيش آيو. حادثي ۾ چار ماڻهو مارجي ويا ۽ ست زخمي ٿيا، جن کي فوري طور تي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو. ريسڪيو اختيارين جو چوڻ آهي ته سوات ايڪسپريس وي سرنگ 2 جي ويجهو حادثو تيز رفتاري سبب پيش آيو.

بقايا * 14**

ي چٽاڀيٽي واڪ طلب ڪيا ويا آهن. منصوبي جي پڄاڻي سان پلانٽ جي بجلي جي پيداواري خرچ ۾ 4 روپيا 19 پئسا في يونٽ گهٽتائي اميد آهي جنهن سان پيداواري خرچ 13 روپيا 87 پئسا في يونٽ مان گهٽ ٿي 9 روپيا 68 پئسا في يونٽ رهجي ويندو. منصوبي ذريعي 297 ميگاواٽ اضافي بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت به بحال ٿيندي. آچر تي توانائي واري وزارت (پاور ڊويزن) طرفان جاري بيان مطابق جولاءِ 2022 ع ۾ لڳل باهه کان پوءِ اسٽيم ٽربائين نمبر 16 ۽ سان ڳنڍيل جنريٽر هن وقت تائين بند آهن جنهن سبب پلانٽ هن وقت اوپن سائيڪل موڊ ۾ اٽڪل 450 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪري رهيو آهي. ان صورتحال ۾ پلانٽ ميرٽ آرڊر ۾ نسبتاً مهانگي بجلي پيدا ڪندڙ پلانٽس ۾ 11 نمبر تي آهي. اسٽيم ٽربائين جي بحالي ۽ پلانٽ کي مڪمل ڪمبائينڊ سائيڪل آپريشن ۾ آڻڻ بعد ان جي پيداواري صلاحيت پنهنجي ڊزائن صلاحيت يعني 747 ميگاواٽ تائين پهچي ويندي. ان سان گڏ پلانٽ جي بجلي پيداواري خرچ ۾ نمايان گهٽتائي ايندي ۽ ميرٽ آرڊر ۾ ان جي پوزيشن اٽڪل 7 نمبر تائين بهتر ٿيڻ جي اميد آهي. اهڙي طرح قومي نظام [illegible] لاءِ خريداري جي عمل باقاعده طور شروع ڪيو ويو آهي. مرمتي ڪمن جي پڄاڻي ۽ پلانٽ جي بحالي جي لاءِ ڊسمبر 2028 ع جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. تفصيلي جائزي بعد اسٽيم ٽربائين نمبر 16 ۽ لاڳاپيل اوزارن جي بحالي لاءِ عالمي چٽاڀيٽي واڪ طلب ڪيا ويا آهن جن لاءِ واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 7 آڪٽوبر 2026 ع مقرر ڪئي وئي آهي. اهو قدم گدو پاور پلانٽ کي ان جي مڪمل صلاحيت کان ٻيهر فعال بڻائڻ ڏانهن هڪ اهم اڳڀرائي آهي. اضافي 297 ميگاواٽ پيداواري صلاحيت جي بحالي سان موجوده پيداوار ۾ اٽڪل 66 سيڪڙو اضافو ٿيندو جنهن سان پاڪستان پنهنجي موجوده پيداوار ائين مان وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪري سگهندو.

بقايا * 15**

المي درجه بندي، رڪارڊ ڪارگو هينڊلنگ، فيس ليس ڪسٽم اسيسمينٽ ۽ ڪليئرنس کان پوءِ آئوٽ بندرگاهه جي ڪارڪردگي، شفافيت ۽ آمدني ۾ اضافو ڪيو آهي. پاڪستان نار بحران دوران ٽرانس شپمينٽ جي موقعن مان فائدو ورتو آهي. جڏهن ته بهتر علائقائي رابطا ۽ صنعتي سرگرمين هڪ اهم علائقائي واپاري ۽ رسد جي مرڪز طور ان جي بنياد کي مضبوط ڪري رهيون آهن.

بقايا * 16**

مالياتي پاليسين سبب پاڪستان مالي نظم و ضبط ذريعي اقتصادي استحڪام جي نئون مثال قائم ڪري رهيو آهي. پاڪستان پاران وقت کان اڳ قرضن جي ادائگين جو مجموعي ڳاڻيٽو 6000 ارب روپين ويجهو پهچي ويو آهي. ناڻي واري وزير جي صلاحڪار خرم شهزاد مطابق پاڪستان هن وقت اٽڪل 5920 ارب روپين جو قرض مقرر وقت کان اڳ ادا ڪري چڪو آهي. پاڪستان وقت کان اڳ قرضن ادائگي ۾ آگسٽ 2025 ع ۾ ڪيل 1133 ارب روپين جي رڪارڊ کي به پوئتي ڇڏي ڏنو آهي. ناڻي واري صلاحڪار چيو آهي ته مالي سال 26_2025 ع ۾ مجموعي طور تي 2900 ارب روپين جو قرض مقرره وقت کان اڳ ادا ڪيو ويو آهي. هن چيو ته مالي سال 27_2026 ع ۾ هن وقت تائين وڌيڪ 1200 ارب روپين جو قرض مقرر وقت کان اڳ ادا ڪيو ويو آهي. خرم شهزاد چيو ته وقت کان اڳ ادائگين سان قرض جي مجموعي رقم ۽ ايندڙ سالن ۾ وڏين ادائگين جي دٻاءَ ۾ به گهٽتائي ايندي. هن چيو ته پاڪستان جي قرض مينجمينٽ هاڻي روائتي ادائگين کان اڳتي وڌي سرڪاري مالي پوزيشن مضبوط بڻائڻ جي رخ تي گامزن آهي.

بقايا * 17**

ل خاني جي مستقل بندش جو اعلان ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ فرانسيسي قونصل خاني ڪراچي کي "الوداعي ڪراچي" جو پيغام پڻ موڪليو. جڏهن ته قونصل خاني تان فرانس ۽ يورپي يونين جا جهنڊا لاٿا ويا آهن. وڌيڪ فرانسيسي قونصل خانو دوستن ۽ ڀائيوارن جو شڪريو ادا ڪيو آهي. ياد رهي ته گذريل مهيني، ڪراچي ۾ مقرر فرانسيسي قونصل جنرل اليڪسس فرانس جي قومي ڏينهن تي منعقد هڪ تقريب ۾ تقرير ۾ چيو هو ته فرانسيسي حڪومت بجيٽ جي سببن جي ڪري ڪراچي ۾ قونصل جنرل جي آفيس کي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

بقايا * 18**

واري رٽ پيش ڪرڻ جي سخت مخالفت ڪئي وئي. سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ۽ سنڌ يونائيٽيڊ لائرز فورم جي سڏ تي آچر ڏينهن ڪراچي ۾ وحدتِ سنڌ مارچ ڪيو ويو، مارچ ريگل چوڪ صدر کان شروع ٿيو، جيڪو شاهراهه لياقت، سنڌ اسيمبلي، ڪورٽ روڊ، داتا ڪارنر ۽ سرور شهيد روڊ کان ٿيندو ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران پهچي ڌرڻي ۾ تبديل ٿي ويو. مارچ ۾ وڪيلن، شاگردن، دانشورن، اديبن، سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن، سول سوسائٽي ۽ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن سنڌ جي تاريخي، جاگرافيائي، سياسي ۽ انتظامي وحدت جي تحفظ ۽ درياهه سنڌ، سنڌ جي پاڻي، زمين، ساحل ۽ قدرتي وسيلن تي قبضي ۽ نشار کهڙي خلاف نعريبازي ڪئي. مارچ جي اڳواڻي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي قائم مقام صدر روشن علي ٻرڙي، سنڌ بار جي اڳواڻ حسيب جمالي، ڪراچي بار جي صدر عامر نواز وڙائچ، ڪي بي لغاري، آفتاب خانزاده، خواجه نويد ايڊووڪيٽ، امير آزاد پنهور، علامه اياز قمي ٻين ڪئي جڏهن ته مظهر مغل، غفار چانڊيو، خميسي خان، قمر مشواڻي، اعجاز سامٽيو، اعظم راڄپر، منير حيدر شاهه، سهٽي پارس، لياقت جلباڻي، عوامي نيشنل پارٽي اڳواڻ بسم الله ڪاڪڙ حنيف شاهه، عاقب راڄپر ايڊووڪيٽ، الاهي بخش بڪگ، ايڊووڪيٽ، ايڊووڪيٽ محمد خان شيخ، ايڊووڪيٽ رحمان [illegible] وحدت تي ڪوبه ناهه نه ٿيندو. هنن چيو ته سنڌ کي ڪنهن به نالي، فارمولي يا طريقي سان ورهائڻ جي ڪا به ڪوشش قبول نه ڪئي ويندي. سنڌ جي انتظامي وحدت رڳو نقشي تي ليڪو نه آهي پر صدين تي ٻڌل تاريخي، جاگرافيائي، تهذيبي ۽ سياسي حقيقت آهي. مقررن چيو ته انتظامي يونٽن جي نالي تي سنڌ کي ورهائڻ جي سازش رد ڪريون ٿا. نئين انتظامي يونٽ جو نعرو سنڌ جي وحدت تي حملو آهي. هنن چيو ته سنڌ هڪ تاريخي ۽ آئيني اڪائي آهي ۽ ان جي وحدت کي ڪمزور ڪرڻ نه رڳو سنڌ جي مفادن جي خلاف آهي پر ملڪ جي سالميت ۽ وفاقي نظام لاءِ به خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. هنن الزام هنيو ته نون صوبن جو منصوبو اصل ۾ سنڌ جي زمين، پاڻي ۽ قدرتي وسيلن تي قبضي جي راهه هموار ڪرڻ جي ڪوشش آهي. مقررن چيو ته تڪراري ڪئنالن جي منصوبن کي مڪمل طور ختم ڪرڻ بدران رڳو ملتوي ڪرڻ ڪافي ناهي. سنڌ جي پاڻي جي معاملي تي ڪنهن به قسم جي سودي بازي يا مبهم پاليسي قبول نه ڪئي ويندي. مقررن چيو ته 1940 ع جي قرارداد لاهور جي بنيادي تصور کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. پاڪستان هڪ گهڻ-قومي وفاق آهي جنهن جي مضبوطي باهمي احترام، آئيني بالادستي، صوبائي خودمختياري ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورهاڱي ۾ آهي. زبردستي سان رياستون ۽ وفاق نٿا هلي سگهن. هنن مطالبو ڪيو ته سنڌ جي ورهاست يا نون صوبن بابت سازش ۾ ملوث عنصرن خلاف آئين جي آرٽيڪل 6 سميت قانون مطابق ڪارروائي ڪئي وڃي. مقررين حڪومت کي خبردار ڪيو ته سنڌ جي ورهاست، نون صوبن يا نون انتظامي يونٽن جي نالي تي سنڌ جي جاگرافيائي وحدت کي تبديل ڪرڻ جي ڪنهن به ڪوشش کان فوري طور باز اچي وڃي. مقررين واضح ڪيو ته هي جدوجهد ڪنهن ٻولي يا برادري جي خلاف ناهي. سنڌ ۾ رهندڙ سڀ شهري جيڪي سنڌ کي پنهنجو وطن سمجهن ٿا، اهي هن ڌرتي جا برابر جا وارث آهن. هنن چيو ته سنڌ جي وحدت جو دفاع ڳڏيل وطن، ڳڏيل امن ۽ آئيني حقن جي تحفظ جي جدوجهد آهي. شرڪت ڪندڙن عزم ڪيو ته سنڌ جي وحدت، سالميت، جاگرافي، پاڻي، زمين ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ آئيني، جمهوري ۽ پرامن جدوجهد جاري رکي ويندي. سنڌ کي ڪنهن به نالي سان ورهائڻ يا ان جي وسيلن تي قبضو ڪرڻ جي هر ڪوشش کي عوامي طاقت ۽ سياسي اتحاد ذريعي ناڪام بڻايو ويندو، مارچ ۾ مختلف اڳواڻن شرڪت ڪري يڪجهتي جو اظهار ڪيو.

بقايا * 19**

امن ۽ جاري انفراسٽرڪچر جي ترقياتي منصوبن جو جائزو ورتو ايئرپورٽ پهچڻ تي وفاقي وزير جي آجيان وقتي چيف آپريٽنگ آفيسر ايئرپورٽ مئنيجر ۽ ٻين اعليٰ عهديدارن ڪئي. پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي پاران جاري ڪيل بيان موجب اي ايس ايف سيڪنڊ هولڊ (انٽرنيشنل) ايريا جي دوري دوران وفاقي وزير مسافر عورتن جي ڊگهي قطار جو نوٽيس ورتو ۽ مسافرن جي سهولتن ۽ ڪليئرنس جي عمل کي تيز ڪرڻ لاءِ اضافي سرچ ڪائونٽر کولڻ جي هدايت ڪئي. وفاقي وزير نئين تعمير ٿيل اميگريشن ايريا جو پڻ دورو ڪيو. جتي هن اميگريشن ڪائونٽرز جو معائنو ڪيو ۽ جاري تعميراتي ڪم جو جائزو ورتو. هن انٽرنيشنل ڊپارچر جوائنٽ سرچ ايريا ۽ ٻين مسافرن کي ڏنيون ويندڙ ٻين سهولتن جو پڻ معائنو ڪيو. ڳڏيل طور تي هن انتظامن تي اطمينان جو اظهار ڪندي مسافرن جي سهولتن ۽ خدمتن جي اعليٰ معيار کي برقرار رکڻ تي زور ڀريو. بعد ۾ خواجه آصف تعمير هيٺ ڊومسٽڪ ڊپارچر جو پڻ دورو ڪيو ۽ جاري ترقياتي ڪم ۽ منصوبي تي اڳڀرائي جي باري ۾ تفصيلي بريفنگ ورتي. وفاقي وزير ڊپارچر ڊراپ آف لين تي ٽريفڪ جي رش تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي ٽريفڪ جي روانٽي بهتر بڻائڻ لاءِ ان ۾ نمايان توسيع کي پڻ ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪرڻ تي زور ڀريو.

بقايا * 20**

ت جي هن پروگرام ۾ گهري دلچسپي رکن ٿيون. هڪ بيان ۾ هن چيو ته سنڌ حڪومت هاڻي تائين 2,000 کان وڌيڪ عورتن کي ڊرائيونگ ۽ لاڳاپيل تربيت فراهم ڪئي آهي، جڏهن ته تربيتي عمل ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ميرپورخاص ۽ شهيد بينظير آباد سميت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ جاري آهي. حڪومت جو مقصد آهي ته ممڪن حد تائين ڪيترين ئي عورتون محفوظ طريقي سان اسڪوٽيون هلائي سگهن ته جيئن اهي پنهنجي نقل و حرڪت کي آسان بڻائي سگهن ۽ معاشي ۽ سماجي سرگرمين ۾ وڌيڪ فعال ڪردار ادا ڪري سگهن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پروگرام جي پهرين مرحلي ۾ 925 ۽ ٻئي مرحلي ۾ 476 اسڪوٽر مختص ڪيا ويا، هاڻي تائين 810 کان وڌيڪ اسڪوٽر عورتن ۾ مفت ورهايا ويا [illegible] ميرپورخاص ۾ پنڪ اليڪٽرڪ اسڪوٽر ورهايا ويندا. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پنڪ اليڪٽرڪ اسڪوٽي پروگرام جو بنيادي مقصد عورتن کي بااختيار بڻائڻ، انهن کي گهمڻ ڦرڻ جي آزادي، خود اعتمادي ۽ معاشي موقعا فراهم ڪرڻ آهي. سنڌ حڪومت عورتن کي باوقار ۽ محفوظ سفري سهولتون فراهم ڪرڻ سان گڏ انهن کي خود مختيار بڻائڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ جاري رکي رهي آهي.

بقايا * 21**

بعد وطن واپس پهچي ويو آهي. آچر ڏينهن سينيٽ سيڪريٽريٽ پاران جاري پڌرائي موجب وطن واپسي تي سيد يوسف رضا گيلاني وقتي صدر جون ذميواريون سنڀالي ورتيون آهن. واضح رهي ته صدر آصف علي زرداري جي وطن واپسي تائين سيد يوسف رضا گيلاني وقتي صدر جون آئيني ذميواريون ادا ڪندو.

بقايا * 22**

آهن. آچر ڏينهن جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو متاڻهون وهڪرو هڪ لک 82 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو هڪ لک 82 هزار 100 ڪيوسڪ. ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو متاڻهون وهڪرو 22 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 22 هزار 400 ڪيوسڪ. خيرآباد پل تي پاڻي جو متاڻهون وهڪرو هڪ لک 95 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو هڪ لک 95 هزار 600 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو متاڻهون وهڪرو 19 هزار 700 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 7 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو متاڻهون وهڪرو 72 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 50 هزار ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. بئراجن جي صورتحال موجب گدو بئراج وٽ پاڻي جو متاڻهون وهڪرو 2 لک 44 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 2 لک 8 هزار 800 ڪيوسڪ. سکر بئراج وٽ پاڻي جو متاڻهون وهڪرو 2 لک 98 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 2 لک 46 هزار 200 ڪيوسڪ. ڪوٽڙي بئراج وٽ پاڻي جو متاڻهون وهڪرو 1 لک 58 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو هڪ لک 15 هزار 700 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. آبي ذخيرن ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1550 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.580 ملين ايڪڙ فوٽ. منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1219.30 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.534 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ، پاڻي جي موجوده سطح 648.50 فوٽ بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.285 ملين ايڪڙ فوٽ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا * 23**

ته جيڪڏهن دنيا ۾ امن ۽ استحڪام قائم ڪرڻو آهي ته اهو اسان جي خطي مان نڪرندو. تهران ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي هن چيو ته ڪو به اهڙي قوم کي هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور نٿو ڪري سگهي جيڪا پوري طاقت ۽ عزم سان بيٺل هجي. ايراني صدر چيو ته اسان جنگ شروع نه ڪئي ۽ نه ئي جنگ چاهيون ٿا، پر اسان ڪنهن به جارحيت ڪندڙ جي خلاف پوري طاقت سان بيٺا هونداسين ۽ ايران ڌمڪين جي اڳيان نه جهڪيندو. ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر باقر قاليباف نئين علائقائي معاهدن کي هڪ نئين دور جي شروعات قرار ڏنو آهي. جنهن ۾ پاڙيسري مسلمان ملڪ پنهنجي سلامتي لاءِ ٻاهرين طاقتن تي ڀروسو ڪرڻ بدران پنهنجي صلاحيتن تي ڀروسو ڪندا. ايراني ميڊيا موجب، اتحاد جي هفتي جي موقعي تي جاري ڪيل پنهنجي پيغام ۾، باقر قاليباف چيو ته تازين علائقائي حالتن ثابت ڪيو آهي ته ٻاهرين طاقتون مسلمان ملڪن کي مستقل سلامتي فراهم نه ٿيون ڪري سگهن. علائقائي سلامتي مسلمان ملڪن جي مرضي، باهمي تعاون ۽ ڳڏيل ڪوششن تي ٻڌل هجڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته تازين واقعن مسلم اتحاد جي فائدن کي به واضح ڪري ڇڏيو آهي. مسلمانن جي وچ ۾ تعاون دشمن کي شڪست ڏيڻ ۽ بالادستي قائم ڪرڻ جي ڪوششن کي پوئتي ڌڪڻ ۾ مدد ڪئي آهي.

بقايا * 24**

گادي واري شهر استنبول لاءِ روانو ٿي ويو آهي. جتي هو سرڪاري مصروفيتون انجام ڏيندو. آچر تي پرڏيهي وزارت پاران جاري بيان مطابق نائب وزيراعظم [illegible] مملڪتي وزير اسٽيفن ڊوٽي، قومي سلامتي جي صلاحڪار جوناٿن پاول، عالمي ميري ٽائيم آرگنائيزيشن جي سيڪريٽري جنرل ارسينيو ڊومنگيز ۽ دولت مشترڪه جي سيڪريٽري جنرل شرلي ايوڪور بوچي سان ملاقاتون ڪيون. نائب وزيراعظم برطانوي پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن ۾ پاڪستان جاون برطانوي پارليامينٽ ميمبرن سان به ملاقات ڪئي ۽ برطانيه ۾ رهندڙ پاڪستاني برادري سان به ڳالهيون ڪيون.

بقايا * 25**

تي پنهنجي پيغام ۾ صدر چيو ته پاڪستان ۽ ترڪيه وچ ۾ تاريخ، ايمان ۽ ڳڏيل سهڪار جي رشتن تي ٻڌل منفرد ۽ پائيدار لاڳاپا قائم آهن. هن چيو ته 30 آگسٽ 1922 ع جي عظيم فتح ترڪيه جي تاريخ جو هڪ اهم باب آهي ۽ ان ڳالهه تي اعتماد جو اظهار ڪيو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ ويجها ۽ پائيدار لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا رهندا. صدر آصف علي زرداري صدر رجب طيب ۽ ترڪ عوام لاءِ مسلسل امن، خوشحالي ۽ ڪاميابي جي دعا ڪئي.

بقايا * 26**

جلسي جي اجازت نه ڏني وئي ته راولپنڊي ۽ اسلام آباد جي روڊن تي ڌرڻا هنيا ويندا. چيئرنگ ڪراس لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته پنجاب حڪومت کي جماعت اسلامي جي ڌرڻاڪين ۾ ڪنڪي رهيو آهي. انهي لاءِ لياقت باغ کي تالا لڳايا ويا آهن. مان اڄ راولپنڊي وڃي رهيو آهيان جتي واپارين سان ملاقات لياقت باغ ۾ جلسو ڪيو ويندو. انتظاميه لياقت باغ کي تالا لڳائي رکيا آهن ڪارڪن تالا ٽوڙي اندر وڃڻ لاءِ تيار آهن پر انهن کي روڪيو ويو آهي. هن چيو ته جماعت اسلامي جا ڌرڻا پرامن آهن اسان ڪنهن جو مٿو نٿا ڦاڙيون. باهيون ناهيون لڳائيندا، جيڪڏهن حڪومت طاقت جي ذريعي ڌرڻا ختم ڪرڻ چاهي ٿي ته زور لڳائي ڏسي اهي طريقا اسان اڳ به ڏسي چڪا آهيون. حافظ نعيم الرحمان چيو ته حڪومت سمجهي ٿي ته جماعت اسلامي کي ٿڪائي ڪارڪنن کي گهرن ڏانهن اماڻي ڇڏيندي پر ائين نه ٿيندو. ڪراچي، حيدرآباد، لاهور، ڪوئيٽه ۽ پشاور ۾ ڌرڻا جاري آهن ۽ اهي احتجاج عوامي تحريڪ ۾ تبديل ٿي رهيا آهن. هن چيو ته حڪومت شروعات ۾ ڳالهين جي لاءِ رابطو ڪيو هو. جماعت اسلامي ڪڏهن به ڳالهين کان انڪار ناهي ڪيو. اسان کي ڳالهين جي جلدي ناهي، جيڪڏهن حڪومت عوام جا مسئلا حل ڪرڻ چاهي ٿي ته اچي ڳالهيون ڪري. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تي تنقيد ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته انهي پروگرام ۾ ڪرپشن آهي اهو قوم کي فقير بڻائڻ جو پروگرام بڻجي ويو آهي. ماڻهن کي تعليم ۽ هنر ڏيڻ جي بجاءِ هر 3 مهينن کان پوءِ رقم ڏيڻ سان مسئلا حل نه ٿيندا هن حڪومتي خرچن ۽ لکين ليٽر پيٽرول جي استعمال کي به ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.

بقايا * 27**

ڏينهن سامهون ايندڙ ميڊيا رپورٽن ۾ دعويٰ ڪئي وئي هئي ته صدر آصف علي زرداري پنهنجي پٽ بلاول ڀٽو زرداري جو رشتو ڪرڻ لاءِ يورپي ملڪ ليختن شٽائن پهچي ويو آهي. خبرن ۾ ذريعن جو حوالو ڏيندي دعويٰ ڪئي وئي ته صدر آصف علي زرداري پنهنجي پٽ بلاول ڀٽو زرداري جي شادي جي تاريخ مقرر ڪرڻ لاءِ ليختن شٽائن پهتو آهي. آصف علي زرداري سان گڏ خاندان جا ٻيا ماڻهو به گڏ آهن. ذريعن اها به دعويٰ ڪئي هئي ته ڇوڪري جو تعلق ليختن شٽائن جي راڄڌاني واڊوز سان آهي ۽ بلاول ڀٽو زرداري جي شادي جي تقريب هلندڙ سال جي آخر ۾ ٿيڻ جو امڪان آهي. ليختن شٽائن مغربي يورپ ۾ سوئٽزرلينڊ ۽ آسٽريا جي وچ ۾ واقع هڪ ننڍو ۽ خوبصورت خودمختار ملڪ آهي جنهن جي راڄڌاني واڊوز آهي.

بقايا * 28**

ن جي ٽئين مرحلي ۾ بجلي جو بريڪ ڊائون ٿيو، جنهن سبب ڪراچي کي 52 ملين گيلن پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پيو. ترجمان موجب، ڪي اليڪٽرڪ بجلي جي بندش جو سبب ڪيبل فالٽ قرار ڏنو هو. جنهن جي ڪري لانڍي، ڪورنگي، شاهه فيصل، ڊفينس، ڊي ايچ اي، قيوم آباد ۽ ڪارساز جي علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي متاثر ٿي. واٽر ڪارپوريشن جي ترجمان چيو ته بجلي بحال ٿيڻ کان پوءِ متاثر علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي پڻ بحال ڪئي وئي آهي.

بقايا * 29**

فرانس ۾ ڳالهائيندي بلال بن ثاقب چيو ته پاڪستان نئين مالي ۽ ٽيڪنالاجي تبديلين کي سمجهڻ ۽ پنهنجي صلاحيت وڌائڻ لاءِ اڳتي وڌي رهيو آهي. بلال بن ثاقب چيو ته پاڪستان مستقبل جي ٽيڪنالاجي ۽ ڊجيٽل معيشت لاءِ تيار آهي. [illegible] استعمال نه ڪيو ويو. بلال بن ثاقب جي مطابق، پاڪستان جي بٽ ڪوئن اسٽريٽجڪ رزرو ٺاهڻ جي ڪوشش ملڪ کي مستقبل جي مالي نظام لاءِ تيار ڪرڻ آهي، بجاءِ وڏي مقدار ۾ بٽ ڪوئن خريد ڪرڻ جي.

بقايا * 30**

آهي. ۽ گذريل 5 سالن دوران انهن گاڏين لاءِ 810,000 ليٽر کان وڌيڪ ايندهن استعمال ڪيو ويو آهي. دستاويز موجب، بي آءِ ايس پي هيڊ ڪوارٽر ۾ 28 گاڏيون، پنجاب ۾ 12، سنڌ ۾ 17، خيبرپختونخواهه ۾ 7، بلوچستان ۾ 6، ۽ آزاد جموں ۽ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ 5 گاڏيون استعمال ۾ آهن. گذريل پنجن سالن ۾، بي آءِ ايس پي پاران استعمال ٿيندڙ گاڏين 810,000 ليٽر کان وڌيڪ ايندهن استعمال ڪيو. اسلام آباد علائقي ۾ گاڏين 5 سالن ۾ 402,400 ليٽر ايندهن استعمال ڪيو. پنجاب علائقي ۾ گاڏين 100,788 ليٽر استعمال ڪيو. ۽ سنڌ علائقي ۾ گاڏين 5 سالن ۾ 1,828,850 ليٽر ايندهن استعمال ڪيو جنهن جو خرچ ڪروڙين رپين جي برابر آهي.

بقايا * 31**

۽ "خطرناڪ" قرار ڏنل اسڪولن کي فوري طور انهن جي حدن اندر موجود محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي. ڊي اي او آفيس جي ذريعن موجب، انهن اسڪولن ۾ مجموعي طور 5,230 شاگرد داخل آهن. جڏهن ته تدريسي ۽ غير تدريسي عملو پڻ موجود آهي. انهن سڀني کي عارضي طور ويجهن محفوظ اسڪولن جي عمارتن، مسجدن، خانگي مهمان خانن اوطاقن يا ٽينٽ اسڪولن ۾ منتقل ڪيو ويندو.

بقايا * 32**

جج/اسپيشل ڪورٽ (اينٽي ريپ) جي جج ظفر ياب چڌڙ طرفان جاري ڪيل سزا تي عملدرآمد واري وارنٽ موجب، ڏوهاري محمد فاروق خلاف ڪاهنه ٿاڻي تي پاڪستان پينل ڪوڊ جي سيڪشن 376 تحت ڪيس داخل ڪيو ويو هو ڪاهنه پوليس جوابدار محمد فاروق خلاف پنهنجي زال کي مسلسل جنسي زيادتي جو نشانو بڻائڻ جي الزام ۾ ڪيس داخل ڪيو هو. ڏوهه ۾ شديد زخم رسيا، جنهن لاءِ کيس هنگامي بنيادن تي آپريشن ڪرائڻو پيو. هي ڪيس متاثره عورت جي والد داخل ڪرايو هو. ڪيس جي شروعات ۾ پاڪستان پينل ڪوڊ جي سيڪشن 377 (غير فطري جنسي ڏوهه) ۽ سيڪشن 376 (ريپ) تحت ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي هئي. وڌيڪ جاچ کان پوءِ الزام ۾ ترميم ڪئي وئي ۽ سيڪشن 377 ختم ڪيو ويو. عدالت ڏوهاري خلاف سيڪشن 376 تحت مقدمو هلائي کيس 10 سال سادي قيد ۽ 50 هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي. ڏنڊ ادا نه ڪرڻ جي صورت ۾ وڌيڪ ڇهه مهينا قيد ڀوڳڻو پوندو. عدالت ضابط فوجداري جي سيڪشن A_544 تحت متاثر عورت کي 3 لک رپيا معاوضو پڻ ڏيڻ جو حڪم ڏنو. 28 آگسٽ تي جاري ڪيل وارنٽ ۾ ڪوٽ لکپت سينٽرل جيل جي سپرنٽينڊنٽ کي هدايت ڪئي وئي ته ڏوهاري کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ۽ قانون موجب سندس سزا تي عمل ڪرائي.

بقايا * 33**

وڏو ايڪشن ڪندي پوليس مقابلي ۾ ڪيس جا 2 نامزد جوابدار مارجي ويا. پوليس ترجمان موجب مارجي ويل جوابدارن ۾ الله ڏنو جمالي ۽ حسنين جمالي ڪائنات بي بي ڪيس ۾ گهربل هئا. جوابدارن گرفتاري جي لاءِ پهچندڙ پوليس ٽيم تي فائرنگ ڪئي جنهن تي پوليس طرفان به جوابي ڪارروائي ڪئي وئي جنهن ۾ ٻئي ڏوهاري مارجي ويا. پوليس موجب فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ٻئي جوابدار مارجي ويا، جڏهن ته پوليس مقابلي کان پوءِ مارجي ويل ڏوهارين جي قبضي مان ناجائز هٿيار به هٿ ڪيا ويا آهن.

بقايا * 34**

جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. ترجمان موجب، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي ڊي آءِ جي سائوٿ کي ٽن ڏينهن اندر رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. ترجمان جو چوڻ آهي ته وائرل ڪلپ ۾ نظر ايندڙ پوليس اهلڪارن جي مبينا بدانتظامي بابت رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو آهي. ايڊيشنل آءِ جي هدايت ڪئي آهي ته معاملي ۾ داخل ٿيل ڪيسن جي ميرٽ تي جاچ ڪئي وڃي. ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي موجب، سڀني پهلوئن جو جائزو وٺڻ کان پوءِ ملوث ماڻهن جي سڃاڻپ ڪئي ويندي.

بقايا * 35**

ت 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن ٻنهي ڌرين وچ ۾ فائرنگ جو سلسلو جاري آهي. اڪبر چانڊيو گروپ جا 6 ماڻهون شيخ گلاب چانڊيو گروپ جا 2 ڄڻا مارجي ويا جڏهن ته اطلاع تي پوليس اٽالا واقعي [illegible]

بقايا عوامي سوچ 01

ريوريلو اڪليون ٻتران ارنرو سميت مسلمان پائرن شرڪت ڪئي انتهائي مذهبي عقيدت ۽ احترام سان سيرتِ طيبہ صہ جي حوالي سان ٻنهي جهانن جي سردار، حضرت محمد مصطفيٰ صہ جي بارگاهه ۾ عقيدت جا گل نڇاور ڪيا. جلشي کان مولوي حاجي عبدالغني ميمڻ صاحب خطاب ڪيو ٻين عاشقان رسول صہ وڏي عقيدت ۽ احترام سانَ شرڪت ڪئي. آخر ۾ لنگر شريف جو ب بندوبست ٿيل آخري دعا خير گهري وئي

بقايا عوامي سوچ 02

جي رهواسي ڪيسرو ولد ٺاڪرو ٽر پريس ڪلب مٺي ۾ صحافين اڳيان دانهيندي چيو ته پنهنجي ڳوٺ ۾ رهندڙ ميوو ولد ڪيتو ذات ميگهواڙ اصل رهواسي ڳوٺ ڊاڪلو خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي. متاثر ڳوٺاڻي جو الزام آهي ته مٿئين شخص پاران مبينا طور ڪاري علم ۽ اهڙين دعوائن جي نالي تي ماڻهن کي خوفزده، ورغلائي ۽ بليڪ ميل ڪيو وڃي ٿو، جنهن سبب ڳوٺ ۾ خوف ۽ بي چيني واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي. ڳوٺاڻن موجب جڏهن پاڙي وارن گڏجي ڪيس اهڙين سرگرمين کان منع ڪئي ته مبينا طور تي کين ڌمڪايو۽ چيو ته سندس خلاف جيڪو به ڳوٺاڻو دانهن ڪندو، ان جو خير نه هوندو. متاثر ڳوٺاڻي جو چوڻ آهي ته اهڙين مبينا ڌمڪين سبب هو پاڻ کي غير محفوظ سمجهن ٿا ۽ کين خدشو آهي ته مستقبل ۾ ڪو ناخوشگوار واقعو پيش اچي سگهي ٿو. ڳوٺاڻي وڌيڪ الزام هنيو آهي ته مختلف بيمارين يا ذاتي مسئلن کي به مبينا طور "حسابي چڪر" وغيره سان جوڙي ماڻهن ۾ خوف پيدا ڪيو وڃي ٿو، جنهن ڪري ڳوٺاڻن ۾ سخت پريشاني پکڙيل آهي. هن مطالبو ڪندي چيو ته جوابدار ڌر خلاف قانوني ڪارروائي ڪري، ڳوٺاڻن کي ڌمڪائڻ، خوفزده ڪرڻ يا بليڪ ميل ڪرڻ خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. اسان ڳوٺاڻن جي جان، مال ۽ عزت جي تحفظ لاءِ مناسب سيڪيورٽي ۽ قانوني تحفظ فراهم ڪيو وڃي. جوابدار ڌر کي اسان جي ڳوٺ مان ڪڍيو وڃي ته جيئن اسان ڳوٺاڻا سڪون جي زندگي گذاري سگهون.

بقايا عوامي سوچ 03

روائي جي اپيل گهارو لڳ ڳوٺ حاجي نور محمد ٿهيم جي رهواسين وارث غلام فريد ٿهيم ۽ غلام حيدر ٿهيم ولد رانو ٿهيم پاران ڊي سي ٺٽو، ايس ايس پي ٺٽو ۽ ايس ايڇ او گهارو کي درخواست ڏيندي موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته ديه پليجاڻي ۾ سندن سروزمين نمبر 23، ايراضي 8 ايڪڙ، رانو ٿهيم ولد ڪارو ٿهيم جي نالي تي آهي. درخواستگذارن موجب آدم ٿهيم ولد حاجي جمن ٿهيم مبينا طور ڄاڻايل زمين تي ڪوڙو دعويٰ ڪري رهيو آهي. سندن چوڻ آهي ته ماضي ۾ انسانيت ۽ سٺن لاڳاپن جي بنياد تي آدم ٿهيم کي زمين آباد ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي هئي، پر هاڻي هو زمين تي پنهنجي ملڪيت جو دعويٰ ڪندي مبينا طور قبضو ڪرڻ ۽ زمين وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. وارثن الزام لڳائيندي چيو آهي ته آدم ٿهيم پنهنجي پٽن ارشد، اشرف، يونس ۽ اقبال سان گڏ کين مبينا طور ڌمڪيون پڻ ڏئي رهيو آهي، جنهن سبب کين جاني ۽ مالي نقصان جو خدشو آهي. هنن ڊي سي ٺٽو، ايس ايس پي ٺٽو ۽ ايس ايڇ او گهارو کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي، زمين جي رڪارڊ جي جانچ ڪرائي، مبينا قبضو ۽ وڪرو روڪڻ لاءِ قانوني قدم کنيا وڃن ۽ کين تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 04

جي غفلت ۽ هاءِ ڊوز ڏيڻ سبب فوت ٿيڻ خلاف سندس وارثن ۽ شهرين پاران اڳوڻي تعلقي ناظم ۽ آبادگار اڳواڻ رئيس ممتاز مري ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ چيئرمين پڳوان داس ڪڇي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو هنيو ويو. ڊاڪٽر پلجي رام ڪجهه ڏينهن اڳ ميرپورخاص جي هڪ خانگي اسپتال ۾ پٿي جي آپريشن دوران مبينا طور هاءِ ڊوز ڏيڻ سبب ڪوما ۾ هليو ويو هو، جنهن بعد سندس حالت ڳڻتي جوڳي ٿيڻ تي وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي جي ڊائو اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي هو علاج دوران فوت ٿي ويو. فوتي ڊاڪٽر پلجي رام جي وارثن ڊاڪٽرن ۽ اسپتال انتظاميا جي مبينا غفلت خلاف سخت احتجاج ڪندي پهرين ٽول پلازه تي ڌرڻو هنيو، جنهن بعد سوين مظاهرين ميرپورخاص پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو. وارثن جو چوڻ هو ته ڪجهه ڏينهن اڳ ڊاڪٽر جواهر لال ۽ ڊاڪٽر فدا حسين ڊاڪٽر پلجي رام جو پٿي جو آپريشن ڪيو هو، جنهن کان پوءِ سندس طبيعت اوچتو خراب ٿي وئي ۽ هو ڪوما ۾ هليو ويو. وارثن الزام هنيو ته آپريشن دوران مبينا غفلت ۽ غلط طريقي سان هاءِ ڊوز ڏيڻ سبب سندس حالت خراب ٿي، جيڪا آخرڪار سندس فوت ٿيڻ جو سبب بڻي. احتجاج ڪندڙن واقعي جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائڻ، ذميوار ڊاڪٽرن ۽ اسپتال عملي خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. احتجاج دوران پوليس آفيسر پڻ ميرپورخاص پريس [illegible]

بقايا عوامي سوچ 05

حتجاجي مظاهرو ڪيو. احتجاج ڪندڙن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪندي چيو ته هو پوليس ڀرتي لاءِ مقرر ڪيل ٽيسٽ ۽ ٻين مرحلن ۾ ڪامياب ٿيڻ باوجود ويٽنگ لسٽ تي موجود آهن، پر کين اڃا تائين نوڪرين جا آفر آرڊر جاري نه ڪيا ويا آهن. ان موقعي تي ويٽنگ لسٽ اميدوارن سنڌ جي وڏي وزير، آءِ جي سنڌ پوليس ۽ ڊي آءِ جي ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس ورتو وڃي ۽ پوليس کاتي ۾ نين ڀرتين کان اڳ ويٽنگ لسٽ ۾ شامل ٽيسٽ پاس اميدوارن کي ميرٽ جي بنياد تي نوڪريون ڏنيون وڃن. احتجاج ڪندڙن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سندن جائز مسئلو جلد حل ڪري بيروزگار اميدوارن سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 06

ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. مليل ڄاڻ موجب فوت ٿيل فريد جو تعلق ٺٽو ضلعي جي جنگشاهي واري علائقي سان هو. شروعاتي طور سندس فوت ٿيڻ جو سبب دل جو دورو ٻڌايو پيو وڃي، جڏهن ته موت جو حتمي سبب لاڳاپيل اختيارين جي جاچ ۽ قانوني ڪارروائي ڪانپوءِ ئي واضح ٿي سگهندو.

بقايا عوامي سوچ 07

پير زادي داهيندي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ اسانجي نياڻي سان زيادتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ حبيب الله لوڊرو کي مٺياڻي پوليس بروقت ڪارروائي ڪندي گرفتار ڪري ورتو هو جيڪو هڻنر گرفتار آهي جنهن جي ضمانت رد ٿيڻ تي ان جا مائٽ الله بخش لوڊرو ۽ راڻو خان لوڊرو ۽ علي حسن نانگراج موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ته جيڪڏهن توهان ڪيس تان هٿ نه کڻندا ته توهان کي هتي رهڻ ڪونه ڏينداسين ۽ توهان حافظ غريب جا ٻار آهيو جي ڪڏهن ڪيس تان هٿ نه کڻندا ته ماريا ويندو ۽ اسان کي چاڪندا ۽ علي حسن نانگراج لڏو کڻي وڃي رهيو هو ت ان وقت اسان کي ڌمڪي ڏيندي چئي ويو آهي ته هاڻي توهان کي مرڻ مارڻ کان سوائي نه ڇڏينداسين ان تي نياڻي جي وارثن احتجاج ڪندي صدر پاڪستان آصف علي زرداي سنڌ جي وزيراعلئ سائين مراد علي شاهه ضياالحسن لنجار صاحب آئي جي سنڌ ايس ايس پي نوشهرو فيروز مير روحل ڪوسو صاحب ۽ ايم پي اي ممتاز علي چانڊيو صاحب ۽ وس وارن کان اپيل ڪندي چيو آهي ته اسان غريب مسڪين آهيون اسان جو ڪو سهارو ڪونهي اسان جو ڪو سفارشي به نه آهي اسان ڪنهن کي ڏانهن ڏيو اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ ڌمڪيون ڏيندڙن مٿان قانوني ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ ڏنو وڃي ۽ جي ڪڏهن اسان سان انصاف نه ٿيو ته اسان ايس ايس پي آفيس آڏو وڃي احتجاج ڪنداسين

بقايا عوامي سوچ 08

ي حادثي جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي. ٻئي طرف شاهبندر ۽ ڪاروڇاڻ تعلقن جي لکين ماڻهن لاءِ هي روڊ انتهائي اهم حيثيت رکي ٿو، جتان روزانو وڏي تعداد ۾ مسافر، آبادگار، واپاري ۽ مختلف قسمن جون گاڏيون گذرن ٿيون. پل جي خراب حالت سبب ريتي، بجري، سرن، راشن، سبزين ۽ ٻين ضروري سامان سان ڀريل ڳريون گاڏيون گذرڻ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيون آهن، جنهن ڪري علائقي جي عوام کي سخت پريشاني ۽ عذاب کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. مقامي رهواسين جو چوڻ آهي ته پل جي حالت ڪافي عرصي کان خراب آهي، پر آبپاشي کاتي سجاول جي نااهل عملدارن طرفان پل جي مرمت يا نئين سر تعمير لاءِ ڪو خاطرخواهه قدم نه کنيو ويو آهي. رهواسين خدشو ظاهر ڪيو آهي ته جيڪڏهن بروقت پل جي مرمت نه ڪرائي وئي ته پل مڪمل طور ٽٽي سگهي ٿي جنهن سان نه رڳو آمدرفت متاثر ٿيندي پر انساني جاني نقصان جو پڻ خطرو آهي. هوڏانهن تعلقي شاهبندر جي آبادگارن ۽ رهواسين پنو لاشاري، لياقت علي جمالي، محمد يوسف جمالي رهواسين صوبائي وزير فشريز اينڊ لائيو اسٽاڪ رئيس محمد علي خان ملڪاڻي ۽ سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته ستاهه واهه جي پل جي خراب حالت جو فوري نوٽيس وٺي پل جي هنگامي بنيادن تي مرمت يا نئين سر تعمير ڪئي وڃي ته جيئن عوام کي درپيش تڪليف ختم ٿيڻ سان گڏ ڪنهن به امڪاني وڏي جاني حادثي نقصان کان بچي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 09

ا طور نجي اسپتال ۾ علاج دوران ڊاڪٽرن جي غفلت سبب فوت ٿي ويو، جنهن خلاف فوتي جي وارثن ۽ شهرين سخت احتجاج ڪيو. فوتي جي وارثن سترام داس ميگهواڙ، گوپال ميگهواڙ، حاجي ممتاز مري ۽ يوسي چيئرمين پڳوان داس ڪڇي جي اڳواڻي ۾ سوين ماڻهن ميرپورخاص پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته پلجي ميگهواڙ جي فوت ٿيڻ جي واقعي جو فوري نوٽيس ورتو وڃي ۽ واقعي ۾ مبينا طور ذميوار ڊاڪٽرن خلاف شفاف جاچ ڪرائي قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. احتجاج ڪندڙن ضلعي انتظاميا، صحت کاتي ۽ ٻين وس [illegible]

بقايا عوامي سوچ 10

ومري سبحان لنڊ، قربان جوکيو، ارسلان ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ صفائي سترائي نه ٿيڻ ۽ ڪالوني ۾ روڊ رستا پيور بلاڪ ناليون پلون تعمير ڪرائڻ لاءِ ميونسپل ڪاميٽي جوهي جي چيئرمين علڻ خان لغاري, وائيس چيئرمين شريف جمالي, سي ايم او زوهيب سولنگي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري واهي پانڌي روڊ موڙ اڳيان ڌرڻو هنيو ان موقعي تي متاثرين ٻڌايو ته 10 سالن کان اسان جي وارڊ ۾ هڪ سر به ناهي لڳي ٽڪي جو به ترقياتي ڪم ناهي ٿيو نه ئي صفائي ڪئي ٿي وڃي هر ٻئي ڏينهن اسان پاڙيوار پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪرائي ٿي سامان گهرائي ناليون صاف پيا ڪيون چيئرمين اڳيان ڪافي دانهون ڪوڪون ۽ شڪايتون ڪرڻ باوجود به ڪو ڪڙتيل ناهي نڪتو هنن چيو ته چيئرمين اسان کي انسان ئي نٿو سمجهي ڪافي ٻيرا معصوم ٻار اسڪول ويندي گٽرن ۽ گندگي جي ڍير ۾ ڪري پون ٿا صفائي نه ٿيڻ ڪري رات ڏينهن ايتري بدبو آهي جو ماني به نٿا کائي سگهون نه ئي آرام آهي بيمارين ۾ وڪوڙجي ويا آهيون ڪوب تدارڪ ڪرڻ وارو ناهي ايتري تڪليف ۽ مشڪلاتون آهن جو گهٽين مان گذرڻ ڏکيو آهي هنن چيو ته چونڊيل نمائندن کي دعوت آهي اچي پاڻ اکين سان ڏسن ته وڪ وڪ تي گندگي جا ڍير لڳي ويا آهن صفائي عملو من پسندن ۽ خاص ماڻهن جي درن اڳيان صفائي ۽ ترقياتي ڪم ٿي رهيا آهن هنن چيو ته هرمهيني ڪروڙين رپيا بجيت هئڻ باوجود جوهي جو ٻوڏن دوان تباهه ٿيل انفرا اسٽرڪچر سالن کان ساڳي حالت ۾ آهي ,هنن پ پ ايم پي اي جوهي پير سيد صالح شاهه جيلاني ڊي سي دادو, اي سي جوهي کان مطالبو ڪيو آهي سيد آباد ڪالوني ۾ ايمرجنسي بنيادن تي ناليون پلون پيور بلاڪ ترقياتي ڪم ڪرائي صفائي سترائي کي يقيني بڻايو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو. جڏهن ته ٻئي طرف رهواسي پنهنجي مدد پاڻ صفائي ڪندي

بقايا عوامي سوچ 11

ن ٻوڏ جي تباهي کان بچائڻ ۾ انتهائي اهم حيثيت رکي ٿو. 2020ع واري ٻوڏ کان پوءِ بند ۾ ليرون پوڻ ۽ ڪمزوري پيدا ٿيڻ سبب سنڌ حڪومت طرفان هن بند کي پٿرن سان پچنگ ڪرائي مضبوط ڪيو ويو هو. پر ڪجهه سال گذرڻ کان پوءِ آبپاشي کاتي جي مبينا نااهلي ۽ نگراني جي کوٽ سبب هن وقت بند تي لڳل پٿر آهستي آهستي چوري ٿيڻ لڳا آهن. ماضي ۾ به سنڌو درياهه جي حفاظتي بندن ۾ پيدا ٿيل شگافن سبب سجاول، جاتي ۽ چوهڙجمالي سميت ڪيترن علائقن کي سخت خطرا پيش آيا آهن. تنهن ڪري اهڙن بندن جي مسلسل نگراني ۽ مضبوطي انتهائي ضروري آهي. موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي، جيڪڏهن سنڌو درياهه ۾ پاڻي جو وڏو وهڪرو اچي ٿو ته ڪمزور ٿيندڙ ڪوڪا بند تي پاڻي جو دٻاءُ وڌي سگهي ٿو. جيڪڏهن وقت سر بند جي مرمت، پٿرن جي چوري جي روڪٿام ۽ ذميوار عملي جي نگراني نه ڪئي وئي ته آس پاس جا ڪيترائي ڳوٺ ۽ آباديون خطري ۾ اچي سگهن ٿيون. عوام مطالبو ڪري ٿي ته سنڌ حڪومت، آبپاشي کاتو ۽ ضلعي انتظاميا فوري طور ڪوڪا بند جو دورو ڪري، بند جي فني جاچ ڪرائي، چوري ٿيندڙ پٿرن جي روڪٿام لاءِ سخت قدم کڻي ۽ ڪمزور حصن کي هنگامي بنيادن تي مضبوط ڪيو وڃي، جيئن مستقبل ۾ ڪنهن به امڪاني ٻوڏ جي صورت ۾ جاني ۽ مالي نقصان کان بچي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 12

پارٽي جيل مان آزاد ڪيل 25 پاڪستاني قيدي وطن واپس پهچي ويا آهن جن ۾ سجاول ضلعي جا 4 مهاڻا پڻ شامل آهن. آزاد ٿيل مهاڻن ۾ شاهبندر تعلقي جو رهواسي خميسو ولد صديق ملاح ۽ جاتي تعلقي جا جانو ملاح، اصغر ۽ بلاول شامل آهن ٻئي طرف آزاد ٿي وطن پهتل مهاڻن جي آزادي تي وارثن ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي آهي علائقي واسين حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته پارٽي جيلن ۾ قيد باقي پاڪستاني مهاڻن جي آزادي لاءِ به ڪوششون تيز ڪيون وڃن

بقايا عوامي سوچ 13

پاراسونهري_سونڊا لنڪ روڊ تي پل ڪري پوڻ واري مسئلي بابت مسلسل سوشل ميڊيا، پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي آواز اٿارڻ ڪانپوءِ ضلعي ڪائونسل ٺٽو جي ميمبر رئيس سليم گندرو جي ڪوشش سان ضلعي ٺٽي جي ايم اين اي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي صدر صادق علي ميمڻ معاملي جو نوٽيس ورتو آهي. نوٽيس وٺڻ ڪانپوءِ سونهري_سونڊا لنڪ روڊ جي ڪريل پل جي نئين سر تعمير جو ڪم شروع ڪرايو ويو آهي. پل ڪري پوڻ سبب ڪيترن ئي ڳوٺن جو سونهري ۽ ٻين علائقن سان زميني رابطو منقطع ٿي ويو هو، جنهن ڪري علائقي واسين کي اچ وڃ ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو. پل جي تعميراتي ڪم جي شروعات تي ڳوٺ سونهري ۽ ڀرپاسي جي رهواسين پاران ايوان صحافت ٺٽو جي جوائنٽ سيڪريٽريَ ارشاد علي گندرو، ضلعي ڪائونسل جي ميمبر رئيس سليم گندرو ۽ ايم اين اي و ضلعي پ پ صدر صادق علي ميمڻ [illegible]

بقايا عوامي سوچ 14

۾ اڄ شاندار سائنسي ميلي جو اهتمام ڪيو ويو، جنهن ۾ اسڪول جي شاگردن سائنس جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل دلچسپ ۽ معلوماتي ماڊل ۽ ماڊرن پروجيڪٽ تيار ڪري نمائش لاءِ پيش ڪيا. سائنسي ميلي ۾ اسڪول جي شاگردن، استادن ۽ مختلف هنڌن کان آيل مهمانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. شاگردن پنهنجي تيار ڪيل پروجيڪٽس بابت مهمانن ۽ ٻين شاگردن کي تفصيلي بريفنگ ڏني ۽ انهن جي ڪم ڪرڻ جو طريقو پڻ سمجهايو. ان موقعي تي اسڪول جي پرنسپل ميڊم حميده ميمڻ، استادن سيد عابد علي شاهه، سهيل ميمڻ، حاڪم شاهه، مهتاب شورو، تنوير ميمڻ ۽ ٻين استادن چيو ته اهڙن سائنسي ۽ تعليمي پروگرامن سان شاگردن ۾ شعور، تخليقي صلاحيت ۽ تحقيق جو جذبو پيدا ٿئي ٿو. شاگردن کي عملي طور تي سکڻ جا موقعا ملن ٿا ۽ انهن ۾ نوان خيال پيدا ٿين ٿا. هنن وڌيڪ چيو ته اسڪول ۾ اهڙيون سرگرميون جاري رکڻ سان شاگردن جي لڪل صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ کين مستقبل ۾ سائنس ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ همٿ ملي ٿي. سائنسي ميلي ۾ شاگردن جي تيار ڪيل مختلف پروجيڪٽس کي مهمانن ۽ والدين پاران ساراهيو ويو ۽ شاگردن جي محنت کي ڀرپور نموني سان خراج تحسين پيش ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 15

ئيس چيئرمين ماڇي برادري جي نوجوان وڏيرو نبي بخش ماڇي تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي چيو آهي ت ڳوٺ بڪر ماڇي جي رهواسين کي پنهنجي ئي برادري جي معززين پاران سمورين بنيادي سهوليتن توڙي ترقياتي ڪمن ۾ نظر انداز ڪري ساڻن وڏي ناانصافي ڪئي ويئي اهي، صحافين سان ڳالهائيندي ماڇي برادري جي نوجوان، يوسي جهمپير جي وائيس چيئرمين نبي بخش ماڇي چيو ت جهمپير لڳ مولدي مياڻ جو ڳوٺ بڪر ماڇي وڏي ابادي تي مشتمل هوندي ب ان ڳوٺ کي هميشه سمورين بنيادي سهوليتن ۾ نظر انداز ڪيو ويو آهي، جنهن ڪري مذڪور ڳوٺ ۾ ڪو ب ترقياتي ڪم ٿي ناهي سگهي ۽ ن ئي بيروزگار پڙهيل نوجوانن کي روزگار ملي سگهيو آهي جنهن ڪري بيروزگاري سبب نوجوان سخت پريشان آهن، نبي بخش ماڇي الزام هڻندي چيو ت سندن ڳوٺن کي سمورين بنيادي سهوليتن ۾ نظرانداز ڪرڻ ۾ سندن ئي برادري جي ماڻهن جو وڏو هٿ آهي، جيڪي نٿا چاهين ت سندن ڳوٺ ترقي ڪن. هن چيو ت هاڻي ڳوٺ بڪر ماڇي جي رهواسين مٿس مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي ڪيس سمورين ذميوارين سونپي ڇڏيون آهن، جن کي بهتر طريقي سان نڀائيندو رهندو، نبي بخش ماڇي چيو ت هو پنهنجي برادري جي معززين سان گڏ درگاهه حضرت شاهمراد شاهه شيرازي تي پهچي الحاج سيد اعجاز علي شاهه شيرازي جي مزار تي حاضري ڀري فاتح خواني ڪرڻ بعد شيرازي هائوس ٺٽي تي پڻ وفد جي صورت ۾ پهچي پنهنجي ڳوٺ کي درپيش اينڊڙ مسئلا پيش ڪري انهن جي حل جو مطالبو ڪيو. ان موقعي تي حاجي محمد حنيف ميمڻ، نبي بخش ماڇي، غلام نبي، صديق، محمد جمن، محمد الرحيم، لالو، اشرف ماڇي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 16

70 کان وڌيڪ ڪيس رپورٽ، شهري سخت پريشان ميرپورخاص: ضلعي ميرپورخاص ۾ آواره ڪتن جي ڏاڙهڻ جي واقعن ۾ تيزي سان اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي. سول اسپتال ميرپورخاص جي ايمرجنسي وارڊ جي رڪارڊ موجب گذريل هڪ هفتي دوران ڪتن جي ڏاڙهڻ جا 70 کان وڌيڪ ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. اسپتال ذريعن موجب متاثر ٿيندڙن ۾ ٻارن ۽ عورتن جو وڏو انگ شامل آهي، جڏهن ته روزاني بنيادن تي ڪيترائي ماڻهو ويڪسين ۽ ابتدائي طبي امداد لاءِ سول اسپتال پهچي رهيا آهن. شهرين ۾ صورتحال بابت سخت ڳڻتي پيدا ٿي وئي آهي. والدين جو چوڻ آهي ته هو پنهنجي معصوم ٻارن جي حفاظت بابت سخت پريشان آهن، ڇو ته شهر جي گهٽين، محلن ۽ اسڪولن جي آس پاس آواره ڪتن جي تعداد ۾ نمايان اضافو ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. مقامي شهرين ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل کاتن کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي آواره ڪتن جي وڌندڙ انگ کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ مؤثر ۽ مستقل مهم شروع ڪئي وڃي، جيئن وڌيڪ شهرين، خاص طور تي ٻارن کي ڪتن جي ڏاڙهڻ کان بچائي سگهجي. ٻئي پاسي تعلقي جهڏو جي ڳوٺ لياقت رند جو رهواسي 12 ورهين جو معصوم اشفاق ولد رزاق چانڊيو آواره ڪتي جي ڏاڙهڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو، جنهن کي ابتدائي علاج بعد تعلقہ اسپتال جهڏو مان وڌيڪ علاج لاءِ سول اسپتال ميرپورخاص منتقل ڪيو ويو، جتي سندس علاج جاري آهي. ان حوالي سان زخمي معصوم ٻار جي والد رزاق چانڊيو جو چوڻ آهي ته آواره ڪتن جي وڌندڙ انگ سبب علائقي جا رهواسي، خاص طور تي ٻار، سخت خوف ۽ پريشاني ۾ مبتلا آهن. هن ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته آواره ڪتن [illegible]

بقايا عوامي سوچ 17

ميلادِ النبي صہ جي نسبت سان اصلاحِ معاشرہ تبليغِ درود ۽ سلام جي هم آهنگي جي عنوان تحت محفل هديہ ڪثرت درود پاڪ جو پروگرام منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ روحاني خطاب ۽ خصوصي دعا انجمن جي سرواڻ سائين سيد غلام حيدر شاهه قلندري فرمائي. جڏهن ته پروگرام دوران سائين سيد غلام حيدر شاهه قلندريءَ جي لکيل 37هين ڪتاب "جهنگل ۾ جُهرمٽ" جي مهورتي تقريب پڻ ڪئي وئي. سائين وڌيڪ چيو ته، معاشري جي حقيقي اصلاح ان وقت ممڪن آهي، جڏهن تبديلي فرد جي پنهنجي اندر کان شروع ٿئي. قرآن پاڪ ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو: ترجمو: بيشڪ الله ڪنهن قوم جي حالت نٿو بدلائي، جيستائين اُهي پاڻ پنهنجي اندر جي حالت نه بدلائن. (سورة الرعد، 13:11) سائين وڌيڪ چيو ته، نفس جي تزڪئي، دل جي صفائي ۽ قرآن ۽ سنت سان وابستگي ئي انسان جي حقيقي روحاني اصلاح جو بنياد آهي. سائين چيو ته، جديد نفسيات ۽ نيورو سائنس جي تحقيق مان معلوم ٿئي ٿو ته باقاعده ذڪر، دعا ۽ منظم روحاني مشقون انسان جي توجہ، جذباتي توازن، ذهني سڪون ۽ دٻاءَ کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت تي مثبت اثر وجهي سگهن ٿيون. سائنس قرآن پاڪ ۽ حديث جي غيبي حقيقتن کي ثابت يا رد ڪرڻ جو آخري معيار ناهي، پر روحاني مشقن جي نفسياتي اثرن جو مطالعو ضرور ڪري سگهي ٿي. سائين چيو ته، درود شريف به هڪ عظيم ذڪر آهي، جنهن کي خشوع، توجهه ۽ معنيٰ جي شعور سان پڙهڻ سان انسان کي محبت رسول صہ، مثبت سوچ ۽ روحاني وابستگي ۾ مدد ملي سگهي ٿي. جڏهن درود شريف سان گڏ نبوي اخلاق، صبر، رحم، معافي، خيرخواهي ۽ انسانيت جي خدمت کي عملي زندگيءَ جو حصو بڻايو وڃي ته اهو فرد جي روحاني ۽ اخلاقي اصلاح جو جامع ذريعو بڻجي سگهي ٿو. قرآن پاڪ مؤمنن کي نبي ڪريم صہ تي درود ۽ سلام موڪلڻ جو حڪم ڏئي ٿو، حديث مبارڪ ۾ آهي ته "جيڪو هڪ ڀيرو درود موڪلي ٿو، الله پاڪ ان تي ڏهه رحمتون نازل فرمائي ٿو. (صحيح مسلم) اسلام انسان کي ٻين لاءِ فائديمند بڻجڻ جو درس ڏئي ٿو. حديث ۾ آهي: "ماڻهن مان بهترا هو آهي، جيڪو ماڻهن لاءِ وڌيڪ فائديمند هجي. سائين چيو ته، قرآن پاڪ انسان جي اصلاح لاءِ نصيحت ۽ نيڪيءَ جو رستو اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو:" پوءِ اوهان نصيحت ڪندا رهو، بيشڪ اوهان رڳو نصيحت ڪندڙ آهيو" (سورة الغاشية، 21)، جڏهن ته سورة فصلت ۾ فرمايو ويو آهي: "نيڪي ۽ برائي برابر ناهن، برائي کي بهترين طريقي سان دفعا ڪريو، پوءِ جنهن سان دشمني هجي، اهو جڻ ته گهرو دوست بڻجي ويندو." (سورة فصلت، 34) تنهن ڪري معاشري جي اصلاح لاءِ نفرت جو جواب نفرت سان نه، پر نصيحت، نيڪي، صبر ۽ حسن اخلاق سان ڏيڻ ئي قرآن جو روشن پيغام آهي. جڏهن ته، قلندري طارق علي چارڻ پروگرام ۾ نعت خواني ڪئي ۽ پروگرام ۾ ڪروڙين درود پاڪ ۽ ختم القرآن جي اجتماعي دعا گهري وئي. ان موقعي تي چيئرمين عزير احمد پهوڙ، محمد ابراهيم هاليپوٽو، چيئرمين رجب برفت، لائق برفت، علي نواز ميمڻ، خالد پنهور، محمد حنيف بوزدار، ابوبڪر هنگورو، آصف لاشاري، سيد انور شاهه، سيد محبوب شاهه، سيد امجد شاهه، شيرخان پنهور، ASIمبين ٽيبو، آڪاش پٽي، پير امجد شاهه، غلام حسين بروهي، اعجاز مستوئي، علي احمد خاصخيلي، ديدار بروهي، عادل جوڻيجو، اظهار ڏونڪائي، محمد بخش ناهيون، اياز ناهيون، نعمت الله مستوئي، غلام سرور ساند، چنيسر برفت پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 18

صابو ٻرڙو ۾ جوابدار ڏاتو ٻرڙو پستل جا فائر ڪري ڀاءُ احمد ٻرڙو، ڀاڄائي خديجہ ٻرڙو ۽ 15 ورهين جي عامر ٻرڙو کي زخمي ڪري ڇڏيو واقعي بعد جوابدار ڀڄي هليو ويو جنهن بعد زخمين کي فوري طور قمبر اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي فرسٽ ايڊ ڏيڻ بعد ٽنهي زخمين کي وڌيڪ علاج لاءِ لاڙڪاڻي اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته واقعي جو سبب ٻنهي ڌرين وچ ۾ پلاٽ جي مالڪي وارو معاملو ٻڌايو پيو وڃي جڏهن ته واقعي جو اڃا تائين ٿاڻي تي ڪيس داخل نه ٿي سگهيو ۽ نه ئي فائرنگ واري واقعي ۾ ملوث جوابدار جي گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 19

ن آف جرنلسٽس (PFUJ)ورڪرز يونٽ مٽياري جي اهم گڏجاڻي ضلعي صدر عبدالغفور ميمڻ عرف ادا پائو جي صدارت هيٺ هالا ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ ضلعي جي مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ صحافين، يونٽ جي عهديدارن ۽ ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. گڏجاڻي دوران صحافين جي تنظيمي معاملن، يونٽ کي وڌيڪ فعال ۽ مضبوط بڻائڻ، ميمبرن جي حقن جي تحفظ ۽ صحافي برادري کي درپيش مسئلن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي فيصلو ڪيو ويو ته 10 سيپٽمبر، خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات، هالا ۾ جشنِ صادقين عليہ السلام جي سلسلي ۾ هڪ شاندار پروگرام منعقد ڪيو ويندو. جشنِ صادقين [illegible]

مختلف مڪتبہ فڪر سان تعلق رکندڙ مهمان شرڪت ڪندا. پروگرام دوران PFUJورڪرز يونٽ مٽياري جي ميمبرن ۾ ميمبرشپ ڪارڊ پڻ ورهايا ويندا. گڏجاڻي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته نبي ڪريم حضرت محمد مصطفيٰ ۽ سندن اهل بيت عليهم السلام جي سيرت، تعليمات ۽ پيغام کي اجاگر ڪرڻ مسلمانن لاءِ وڏي سعادت آهي. صحافي برادري سماج ۾ مثبت سوچ، ڀائيچاري، رواداري ۽ امن جي فروغ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي. ان موقعي تي صحافين جي تنظيمي اتحاد کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ صحافين جي جائز حقن، مفادن ۽ مسئلن جي حل لاءِ گڏيل جدوجهد جاري رکڻ تي پڻ اتفاق ڪيو ويو. گڏجاڻي دوران PFUJ ورڪرز يونٽ مٽياري جي ضلعي صدر عبدالغفور ميمڻ عرف ادا پائو کي ملندڙ ڌمڪين جي پڻ سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي. شرڪت ڪندڙن صحافين جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ، آزاد صحافت لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ ۽ صحافين کي ڌمڪين کان بچائڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن کان اثرائتا قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو. گڏجاڻي ۾ PFUJورڪرز يونٽ مٽياري جي صدر عبدالغفور ميمڻ عرف ادا پائو، محمد دين بلوچ، سهيل پيبو، علي حيدر مير، امجد راجپوت، نثار لغاري، خدا ڏنو لاکو، شاهد سجاد ميمڻ، شهزاد ميمڻ، سيد آصف شاهه، اعجاز ٻگهيو سميت ٻين صحافين ۽ يونٽ جي ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 20

حسين شاهه شيرازي سان اهم ڳالهيون ڪيون ويون. ان موقعي تي ڳوٺاڻن موريو جوکيو، عبدالغفور، فوجي شير خان، جڙيل، نواز علي، عمران، روشن ۽ ٻين اوقاف کاتي جي وزير سائين رياض حسين سان ملاقات ڪري ڳوٺ جي بنيادي مسئلن بابت تفصيلي آگاهي ڏني. ڳوٺاڻن روڊ، پيئڻ جي صاف پاڻي، اسڪول ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ بابت مسئلا پيش ڪندي انهن جي فوري حل لاءِ اپيل ڪئي. ان موقعي تي ڳوٺاڻن سان ڳالهائيندي سائين رياض حسين شاهه شيرازي خاطري ڪرائي ته ڳوٺ جا بنيادي مسئلا تمام جلد حل ڪيا ويندا ۽ ان سلسلي ۾ هر ممڪن قدم کنيا ويندا. ڳوٺاڻن وزير صاحب جي خاطري تي اعتماد جو اظهار ڪندي اميد ظاهر ڪئي ته مسئلن جي حل لاءِ جلد عملي قدم کنيا ويندا.

بقايا عوامي سوچ 21

ڪري الحمد پڙهي تڪرار ختم ڪرائي ڇڏيو . ان موقعي تي وڏيرو خالد حسين ناهيو حاجي شفيع محمد کهيو وڏيرو روشن ناهيو عبدالرزاق ڪلمتي ۽ ٻيا معززين پڻ شريڪ هئا.

بقايا عوامي سوچ 22

اچ روڊ، واهه، اسڪول ۽ صحت جون سهولتون بحال نه ٿيون ته بائيڪاٽ جاري رکڻ جو اعلان، ايف آءِ آر جي ڌمڪين تي جيل ڀريو تحريڪ هلائڻ جي ڌمڪي بدين جي ساحلي پٽيءَ جي شهر سيراٽي جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف پنجاهه کان وڌيڪ ڳوٺن جي رهواسين پاران پوليو بوسٽر ڊوز جي بائيڪاٽ واري اعلان ڪانپوءِ احتجاجي گڏجاڻي ۽ مظاهرو ڪيو ويو. ڳوٺ پانڌي گهراڻو، عبدالله گهراڻو، نورمحمد گهراڻو، مٺو خان ملاح، علي نواز ملاح، پانڌي خان چانگ، جعفر ملاح، مٺو خان رند، ناٿو خان رند سميت مختلف ڳوٺن جي رهواسين قادر بخش گهراڻي جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاج ڪيو. جنهن ۾ شفيع محمد چانگ، يونس گهراڻو، انور رند، صالح رند، عطا محمد چانگ، نديم چانگ، بصر ڏاندل، معشوق ملاح ۽ حاجن ملاح سميت وڏي انگ ۾ علائقي واسين شرڪت ڪئي. احتجاج ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سالن کان روڊن تي احتجاج ڪري رهيا آهيون، پر اسان جا بنيادي مسئلا اڄ تائين حل نه ٿي سگهيا آهن. سيراٽي کان ڪيڏڻ ويندڙ روڊن سميت علائقي جا ڪيترائي رستا تباهيءَ جو شڪار آهن، جڏهن ته واهن جون موريون ٽٽي چڪيون آهن ۽ برساتن توڙي پاڻيءَ جي وهڪري سبب عوام لاءِ اچ وڃ عذاب بڻجي وئي آهي. هنن چيو ته ڪيترن ئي اسڪولن جون عمارتون زبون حال ٿي چڪيون آهن. اسڪولن ۾ ڍار پئجي ويا آهن ۽ ڪيترن ئي اسڪولن ۾ استاد موجود ناهن. خراب رستن سبب استاد ڳوٺن تائين اچڻ کان لنوائين ٿا. جڏهن ته ايمرجنسي جي صورت ۾ ايمبوليئنس ۽ صحت جون سهولتون به مريضن تائين وقت سر پهچي نٿيون سگهن. مظاهرين جو چوڻ هو ته اسان پوليو مهم جا مخالف نه آهيون، پر حڪومت کي مجبور ڪرڻ لاءِ مجبوريءَ تحت پوليو بوسٽر ڊوز جو بائيڪاٽ ڪري رهيا آهيون، ڇو ته اسان جا ٻار هڪ طرف پوليو کان بچائڻ جون مهمون هلن ٿيون ۽ ٻئي طرف انهن ئي ٻارن لاءِ اسڪول، روڊ، صحت ۽ بنيادي سهولتون موجود ناهن. احتجاج ڪندڙن الزام لڳايو ته جائز بنيادي مطالبا پيش ڪرڻ بدران بدين انتظاميہ پاران کين ايف آءِ آرون داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪيو پيو وڃي. هنن واضح لفظن ۾ چيو ته: "جيڪڏهن اسان جي ڪنهن به ماڻهو خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو ته اسان خاموش نه ويهنداسين، پر جيل ڀريو تحريڪ شروع ڪنداسين." مظاهرين چونڊيل نمائندن کي مخاطب ٿيندي چيو ته [illegible]

مطالبو ڪيو ته سيراٽي ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن جا تباهه ٿيل روڊ فوري طور تي تعمير ڪيا وڃن، ٽٽل واهن جون موريون بحال ڪيون وڃن، زبون حال اسڪولن جي مرمت ڪرائي وڃي، غير حاضر استادن خلاف ڪارروائي ڪري اسڪولن ۾ مڪمل اسٽاف مقرر ڪيو وڃي ۽ علائقي ۾ صحت جون سهولتون، ڊاڪٽر ۽ ايمبوليئنس جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي. احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو ته جيستائين علائقي جي بنيادي مسئلن جو عملي حل نه ڪڍيو ويندو، تيستائين پوليو بوسٽر ڊوز جو بائيڪاٽ ختم نه ڪيو ويندو. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن حڪومت ۽ ضلعي انتظاميہ سندن مطالبن تي سنجيدگي سان عمل نه ڪيو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ بدين قطر مسجد کان نيشنل پريس ڪلب تائين احتجاجي ريليون ڪڍي آواز بلند ڪيو ويندو. مظاهرين چيو: "اسان ڪنهن سان جنگ نٿا چاهيون، اسان پنهنجي ٻارن جو مستقبل بچائڻ چاهيون ٿا. روڊ، اسڪول، صحت ۽ پاڻي ڪا خيرات نه، پر اسان جو بنيادي حق آهن. جيستائين اسان جي وارثي نه ٿيندي، تيستائين اسان جو احتجاج ۽ بائيڪاٽ جاري رهندو

بقايا عوامي سوچ 23

ٽو پرهه هاليپوٽو حور هاليپوٽو تعلقي صدر سچل هاليپوٽو مختيار بکاري ستو ڪولهي سريش ڀيل لال جان پرشوتم سورج ڪولهي ۽ ٻين چيو آهي ته آمريڪا ڏکڻ ايشيا ۾ نئون اسرائيل ناهڻ چاهي ٿو، گوادر ضيائي ٽولي ۽ ڪراچي مڪمل طور ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن حوالي ڪري ڪراچي ۽ گوادر کي به اسرائيل جيان آمريڪي هٿيارن جو اڏو بڻائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي. آمريڪا جيئن اسرائيل وسيلي وچ اوڀر تي قبضو ڪيو تيئن پاڪستان کي غير مستحڪم بڻائي ڏکڻ ايشيا تي به مڪمل طور قبضو ڪرڻ چاهي ٿو. سنڌ ٽوڙڻ جي سازش ڪندڙ آمريڪي ايجنٽ آهن. پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ ۽ پيپلز پارٽي سنڌ جا وسيلا آمريڪي سامراج حوالي ڪري ڇڏيا آهن. پر سنڌي قوم پنهنجي ڌرتي جي تحفظ لاءِ وڙهندي، جنگ ڪندي، پرامن جمهوري جدوجهد ڪندي. سنڌ جي حفاظت لاءِ سنڌ جو ٻچو ٻچو وڙهندو. هنن پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙو پاران سنڌ اسيمبليءَ ۾ مهمليءَ واري رت آٽڻ جي مذمت ڪندي چيو ته پ پ جي وزيرن مشيرن ۽ ميمبرن جي مها ڪرپشن سبب اسٽيبلشمينٽ جي دٻاءَ ۾ اچي ڪرسي بچائڻ خاطر سنڌ جو سودو ڪري ڇڏيو آهي جنهن لاءِ هيءَ رت آٽي سنڌ کي ورهائڻ جي راهه هموار ڪئي وئي آهي جنهن سان سنڌ جي حڪمرانن جي نيتن جي خبر واضح ٿي چڪي آهي تنهنڪري سنڌ جي عوام کي سجاڳ ٿي پرامن جدوجهد جي ميدان تي اچي پنهنجي تاريخي وطن سميت زمينن وسيلن ۽ پاڻيءَ جي حفاظت ڪرڻي پوندي

بقايا عوامي سوچ 24

هالاڻي مال پڙي تي کڻي وڃي رهيا هئا ت اچانڪ روهڙي ڪئنال جي پل تي نامعلوم ڦورن هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي واپارين کي رسين سان ٻڌي رڪشي ۾ سوار 18 ٻڪرين سميت لوڊر رڪشو ۽ موبائل فون ڪيش رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا مال جي واپارين ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ت اسان رات جو 3 وڳي مال پڙي تي کڻي وڃي رهيا هئا سين ت روهڙي ڪئنال جي پل تي نامعلوم ڦورو ڦر ڪري فرار ٿي ويا حد جي پوليس کي اطلاع ڏنو سين پر پوليس معمول مطابق سيٺارجا پوليس ۽هنگورجا پوليس جاءِ واردات تي پهتي جتي هنن پاڻ ۾ حد بندي جو بحث ڪري معاملو ٽالمٽول ڪري ڇڏيو واپارين مير ڏيپر زاڪر ڏيپر محمد علي ۽ ارمان اعلاحڪام کان پوليس جي نااهلي جو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي،

بقايا عوامي سوچ 25

۾ پارٽي جي عهديدارن، اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، اجلاس دوران سکر ڊويزن ۾ پارٽي جي تنظيم نو، تنظيمي معاملن ۽ ايندڙ سياسي توڙي تنظيمي حڪمت عملي بابت تفصيلي مشاورت ڪئي وئي. ان موقعي تي مسلم ليگ فنڪشنل جي پاليسي ۽ منشور موجب پارٽي کي يونين ڪائونسل ۽ هيٺين سطح تائين وڌيڪ فعال، منظم ۽ مضبوط بڻائڻ تي خاص زور ڏنو ويو. پارٽي اڳواڻن چيو ته ڪارڪن عوام سان پنهنجا رابطا وڌيڪ مضبوط ڪن ۽ عوام جي بنيادي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن. اجلاس جي شرڪت ڪندڙن سکر ڊويزن ۾ پارٽي تنظيم کي مستحڪم ڪرڻ، ڪارڪنن کي متحرڪ ڪرڻ ۽ مختلف علائقن ۾ تنظيمي سرگرمين کي تيز ڪرڻ بابت اهم معاملن تي غور ويچار ڪيو.اجلاس ۾ فقير عنايت الله ٻڙو، ارباز علي، فقير غلام نبي، فقير محمد عارف ڪٽپر، فقير اسلام الدين، غلام فريد عمراني، شبانہ خان، محمد اسحاق، عبدالرشيد نوناري سميت ٻين عهديدارن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ عوامي [illegible]

مسئلن جي حل، جمهوري جدوجهد کي اڳتي وڌائڻ ۽ پارٽي تنظيم کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ واري عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو ويو ته مسلم ليگ فنڪشنل کي سکر ڊويزن ۾ وڌيڪ فعال ۽ منظم بڻائڻ لاءِ عملي قدم کنيا ويندا.

بقايا عوامي سوچ 26

ارم تان سيد منير حيدر شاهه جي اڳواڻي ۾ ريگل چوڪ کان ڪراچي پريس ڪلب تائين وحدت سنڌ مارچ لکين جي تعداد ۾ ماڻهن جو شرڪت سنڌ جي عوام جو عوامي ريفرنڊم بڻجي ويو جنهن ۾ لکين سنڌين پنهنجو فيصلو ٻڌايو ته نوان صوبا نامنظور مارچ جي شروعات ڪراچي جي تاريخي ريگل چوڪ کان ٿي جيڪا شهر جي مکيہ شاهراهن تان گذرندي ڪراچي پريس ڪلب تي پهچي وڏي جلسي جي صورت اختيار ڪري وئي سنڌ مارچ ۾ اديبن دانشورن. وڪيلن عالم دين مولوين سگهڙن. سياسي سماجي ۽مردن، عورتن ۽ ٻارن سميت زندگي جي هر طبقي جا ماڻهو شريڪ هئا. شرڪت ڪندڙن جي هٿن ۾ سنڌ هڪ آهي سنڌ جي وحدت زنده باد ۽ ڪئنال نامنظور" وارا پلڪارڊ هئا مارچ جي اڳواڻي ڪندي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي نائب صدر سيد منير حيدر شاهه خطاب ڪندي چيو ته اڄ ڪراچي جي روڊن تي نڪتل هي سمنڊ ثبوت آهي ته سنڌ جي عوام پنهنجي ڌرتي جي ورهاڱي کي ڪڏهن به قبول نه ڪندي. جيڪي سنڌ کي ٽڪرن ۾ ورهائڻ جا خواب ڏسي رهيا آهن اهي غلط فهمي ۾ آهن. سنڌون درياءَ تي ڪئنال ۽ نون صوبن جي ڳالهه سنڌ جي دشمني آهي. هن وڌيڪ چيو ته اسان پرامن آهيون پر پنهنجي حقن لاءِ آخري حد تائين وڙهنداسين. سنڌ هڪ وحدت آهي ۽ رهندي. مارچ ۾ شريڪ وڪيلن جي اڳواڻ چيو ته آئين سنڌ جي جاگرافيائي حدن جي ضمانت ڏئي ٿو. سنڌ جي ورهاڱي جي ڪا به ڪوشش آئين سان غداري آهي. اديبن ۽ دانشورن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته "سنڌ جي تهذيب، تاريخ ۽ ثقافت هڪ آهي. ان کي ورهائڻ جو مطلب سنڌ جي سڃاڻپ کي مٽائڻ آهي. اسان پنهنجي ٻولي، پنهنجي درياءَ ۽ پنهنجي ڌرتي جو سودو نه ڪنداسين. عورت اڳواڻن جو چوڻ هو ته "سنڌ جي مائرون پنهنجي ٻچن جي مستقبل لاءِ روڊن تي آهن. اسان پنهنجي ايندڙ نسل کي ورهاڱيل سنڌ نه ڏينداسين مارچ جي آخر ۾ قرارداد پاس ڪئي وئي جنهن ۾ سنڌ جي وحدت کي برقرار رکڻ، سنڌون درياءَ تي ڪئنالن جي تعمير رد ڪرڻ ۽ نون صوبن جي سازش کي ناڪام بڻائڻ جو مطالبو ڪيو ويو. انتظاميا جي سخت سهڪار سان مارچ پرامن طريقي سان اختتام پذير ٿيو

بقايا عوامي سوچ 27

ڳالهائيندي چيو ته قريشي ڳوٺ سکر شهر جي قيام کان به اڳ کان آباد آهي ۽ هتي قريشي برادري ڪيترن ئي ڏهاڪن کان رهائش پذير آهي، جڏهن ته اهي انهن زمينن تي پوک پڻ ڪندا رهيا آهن، هنن چيو ته قريشي ڳوٺ جي زمين کي انڊسٽريل ايريا ۾ شامل ڪرڻ ناانصافي ۽ سراسر زيادتي آهي. سندن چوڻ موجب وٽن قريشي ڳوٺ جي زمينن جا قانوني کاتا ۽ ٻيا دستاويز موجود آهن، ان باوجود سندن اباڻي زمين کي انڊسٽريل ايريا ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، قريشي برادري جي اڳواڻن چيو ته هو پاڪستان پيپلز پارٽي جا بنيادي ڪارڪن آهن ۽ پنهنجي ابن ڏاڏن جي زمينن ۽ گهرن تي ڪنهن به صورت ۾ قبضو ٿيڻ نه ڏيندا. هنن واضح ڪيو ته پنهنجي حقن جي تحفظ لاءِ هو هر قانوني رستو اختيار ڪرڻ جو حق رکن ٿا. مظاهرين سنڌ حڪومت، سکر انتظاميا ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته قريشي ڳوٺ جي زمين جي رڪارڊ ۽ قانوني حيثيت جي مڪمل جاچ ڪرائي وڃي، مبينا ناانصافي جو نوٽيس ورتو وڃي ۽ قريشي برادري کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 28

ل ڏينهن پوليو ٽيم ٻارن کي بوسٽر ڊوز پيارڻ لاءِ ڳوٺ عجائب سومرو پهتي هئي، جتي ڪجهه رهواسين ٻارن کي پوليو بوسٽر ڊوز پيارڻ کان انڪار ڪيو. ان دوران مبينا طور جوابدار جادم سومرو پوليو ورڪر عبدالواحد سومرو تي ڪهاڙي سان وار ڪري ڏنو، جنهن سبب هو زخمي ٿي پيو. زخمي پوليو ورڪر کي فوري طور سول اسپتال سجاول منتقل ڪيو ويو، جتان طبي امداد فراهم ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي منتقل ڪيو ويو. واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ جاچ شروع ڪري ڇڏي. جڏهن ت اسسٽنٽ ڪمشنر جاتي رضوان عالم شيخ پڻ سول اسپتال پهچي زخمي پوليو ورڪر جي عيادت ڪئي. اي سي جاتي رضوان عالم شيخ چيو ت واقعي ۾ جيڪو به ملوث هوندو، ان خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي. پوليس موجب واقعي ۾ ملوث مبينا جوابدار کي آخري اطلاعن تائين گرفتار ن ڪيو ويو هو آهي

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن
وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان
دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

چيلهار ۾ عيد ميلادالنبي صه جي بابرڪت ڏهاڙي جي حوالي سان هڪ پروقار جلسو

هن بابرڪت جلسي ۾ چيلهار شهر ۽ ڀرپاسي وارن ڳوٺ ڏبرچان سانڌهو پوريلو اڪليون ٻتران ارنرو سميت مسلمان ڀائرن شرڪت ڪئي

انتهائي مذهبي عقيدت ۽ احترام سان سيرتِ طيبه صه جي حوالي سان ٻنهي جهانن جي سردار، حضرت محمد مصطفيٰ صه جي بارگاهه ۾ عقيدت جا گل نڇاور ڪيا

جلسي کان مولوي حاجي عبدالغني ميمڻ صاحب خطاب ڪيو ٻين عاشقانِ رسول صه وڏي عقيدت ۽ احترام سان شرڪت ڪئي

مٺي (ڊ_ر محمدرحيم مگريو) چيلهار ۾ عيد ميلادالنبي صه جي بابرڪت ڏهاڙي جي حوالي سان هڪ پروقار جلسو محمدخان نهڙي جي طرفان منعقد ڪيو ويو هن بابرڪت جلسي ۾ چيلهار شهر ۽ ڀر پاسي وارن ڳوٺ ڏبرچان سانڌهو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

قيصرو مل ولد ڪيتو ميگهواڙ جو مبينا طور ماڻهن کي خوفزده ۽ بليڪ ميل ڪندڙ خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو

پنهنجي ڳوٺ ۾ رهندڙ ميوو ولد ڪيتو ذات ميگهواڙ، اصل رهواسي ڳوٺ ڍاڪلو خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو

مٿئين شخص پاران مبينا طور ڪاري علم ۽ اهڙين دعوائن جي نالي تي ماڻهن کي خوفزده، ورغلائي ۽ بليڪ ميل ڪيو وڃي ٿو

اهڙين مبينا ڌمڪين سبب هو پاڻ کي غير محفوظ سمجهن ٿا ۽ کين خدشو آهي

مٺي (ڊ_رمحمدرحيم مگريو) ڳوٺ گرڙيو تعلقو چاڇرو جي رهواسي قيصرو مل ولد ڪيتو ميگهواڙ جو مبينا طور ماڻهن کي خوفزده ۽ بليڪ ميل ڪندڙ خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو تفصيل موجب ڳوٺ گرڙيو تعلقو چاڇرو ضلعي ٿرپارڪر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2



ڳوٺ حاجي نورمحمد ٿهيم ۾ زمين جي تڪرار

وارثن پاران ڊي سي، ايس ايس پي ۽ ايس ايڇ او گهارو کان قانوني ڪارروائي جي اپيل

مبينا قبضو ۽ ورڪرو روڪڻ لاءِ قانوني قدم کنيا وڃن ۽ کين تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ڳوٺ حاجي نورمحمد ٿهيم ۾ زمين جي تڪرار، وارثن پاران ڊي سي، ايس ايس پي ۽ ايس ايڇ او گهارو کان قانوني ڪار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

مبينا طور آپريشن دوران ڊاڪٽرن جي غفلت سبب ڊاڪٽر پلجي رام جي فوت ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاجي ڌرڻو

رئيس ممتاز مري ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻ چيئرمين پڳوان داس ڪڇي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو هنيو ويو

ڊاڪٽر پلجي رام ڪجهه ڏينهن اڳ ميرپورخاص جي هڪ خانگي اسپتال ۾ پتي جي آپريشن دوران مبينا طور هاءِ ڊوز ڏيڻ سبب ڪوما ۾ هليو ويو هو

جنهن بعد سندس حالت ڳڻتي جوڳي ٿيڻ تي وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي جي ڊائو اسپتال منتقل ڪيو ويو

ميرپورخاص(بيوروچيف سومارسميجو) مبينا طور آپريشن دوران ڊاڪٽرن جي غفلت سبب ڊاڪٽر پلجي رام جي فوت ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاجي ڌرڻو ميرپورخاص: زاهده آباد واسي ڊاڪٽر پلجي رام جي مبينا طور آپريشن دوران ڊاڪٽرن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

پوليس ٽيسٽ پاس ويٽنگ لسٽ اميدوارن جو پريس ڪلب آڏو احتجاج

ميرپورخاص پوليس ۾ ٽيسٽ پاس ويٽنگ لسٽ اميدوارن کي آفر آرڊر نه ملڻ خلاف درجنين اميدوارن ميرپورخاص پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو

پوليس ڀرتي لاءِ مقرر ڪيل ٽيسٽ ۽ ٻين مرحلن ۾ ڪامياب ٿيڻ باوجود ويٽنگ لسٽ تي موجود آهن

معاملي جو فوري نوٽيس ورتو وڃي ۽ پوليس کاتي ۾ نين ڀرتين کان اڳ ويٽنگ لسٽ ۾ شامل ٽيسٽ پاس اميدوارن کي ميرٽ جي بنياد تي نوڪريون ڏنيون وڃن

ميرپورخاص(بيوروچيف سومارسميجو) پوليس ٽيسٽ پاس ويٽنگ لسٽ اميدوارن جو پريس ڪلب آڏو احتجاج ميرپورخاص پوليس ۾ ٽيسٽ پاس ويٽنگ لسٽ اميدوارن کي آفر آرڊر نه ملڻ خلاف درجنين اميدوارن ميرپورخاص پريس ڪلب آڏو ا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

PURKHAS PRESS CLUB
ميرپورخاص پريس ڪلب
احتجاج
احتجاج
آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڊسٽرڪٽ پوليس ڪانسٽيبل
جي ويٽنگ اميدوارن کي آفر آرڊر جاري ڪيو
SPD01/2024
پاران: ڊسٽرڪٽ پوليس ڪانسٽيبل ويٽنگ پاس اميدوار SPD01/2024

سجاول ۾ نادرا آفيس تي مقرر سيڪيورٽي گارڊ فريد ولد غلام نبي پراسرار نموني فوت

اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ فوت ٿيل فريد جو لاش سول اسپتال سجاول منتقل ڪيو

جتي ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

مليل ڄاڻ موجب فوت ٿيل فريد جو تعلق ٺٽو ضلعي جي جنگشاهي واري علائقي سان هو

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) سجاول ۾ نادرا آفيس تي مقرر سيڪيورٽي گارڊ فريد ولد غلام نبي پراسرار نموني فوت ٿي ويو اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ فوت ٿيل فريد جو لاش سول اسپتال سجاول منتقل ڪيو. جتي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

منياٽي لڳ ڳوٺ پانڌي خان خاصخيلي جارهواسي سنڌ پريس ڪلب منياٽي پهچي احتجاج

ڪجهه ڏينهن اڳ اسانجي نياڻي سان زيادتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ حبيب الله لودرو کي منياٽي پوليس بروقت ڪاروائي ڪندي گرفتار ڪري ورتو هو

جيڪو هٿئر گرفتار آهي جنهن جي ضمانت رد ٿيڻ تي ان جا مائٽ الله بخش لودرو ۽ راڻوخان لودرو ۽ علي حسن نانگراج موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

جيڪڏهن توهان ڪيس تان هٿ نه ڪڻندا ته توهان کي هتي رهڻ ڪونه ڏينداسين ۽ توهان حافظ غريب جا يار آهيو

منياٽي (رپورٽ : ميول خان مستوئي) منياٽي لڳ ڳوٺ پانڌي خان خاصخيلي جارهواسي سنڌ پريس ڪلب منياٽي پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي صحافين اڳيا داهيندي حافظ محمد اويس لودرو محمد عرس لودرو منثار علي لودرو۽ مسما/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

چوهڙجمالي کان شاهبندر ۽ ڪاروڇاڻ تعلقن ڏانهن ويندڙ اهم ۽ مين روڊ تي واقع ستاهه واهه جي زبون حال

پل آبپاشي کاتي جي مبينا لاپرواهي ۽ عدم توجهي سبب انتهائي خطرناڪ صورتحال اختيار ڪري وئي

پل ۾ وڏا وڏا ڪڏا پوڻ ڪري پل تان عوامي آمدرفت ۽ خاص طور تي ڳرين گاڏين جي گذرڻ مڪمل بند ٿي ويو

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني) چوهڙجمالي کان شاهبندر ۽ ڪاروڇاڻ تعلقن ڏانهن ويندڙ اهم ۽ مين روڊ تي واقع ستاهه واهه جي زبون حال پل آبپاشي کاتي جي مبينا لاپرواهي ۽ عدم توجهي سبب انتهائي خطرناڪ صورتحال اختيار ڪري وئي آهي. پل ۾ وڏا وڏا ڪڏا پوڻ ڪري پل تان عوامي آمدرفت ۽ خاص طور تي ڳرين گاڏين جي گذرڻ مڪمل بند ٿي ويو آهي جڏهن ته ڪنهن به وقت وڏ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

نجي اسپتال جي مبينا غفلت سبب 38 ورهين جو پي پي ايڇ آءِ ڊسپينسر فوت، وارثن جو احتجاجي ڌرڻو

پي پي ايڇ آءِ ڊسپينسر پلجي ميگهواڙ مبينا طور نجي اسپتال ۾ علاج دوران ڊاڪٽرن جي غفلت سبب فوت ٿي ويو

پڳوان داس ڪڇي جي اڳواڻي ۾ سوين ماڻهن ميرپورخاص پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) نجي اسپتال جي مبينا غفلت سبب 38 ورهين جو پي پي ايڇ آءِ ڊسپينسر فوت، وارثن جو احتجاجي ڌرڻو ميرپورخاص جي ڳوٺ زاهد آباد واسي 38 ورهين جو پي پي ايڇ آءِ ڊسپينسر پلجي ميگهواڙ مبين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

متياري: پي ايف يو جي ورڪرز يونٽ متياري جي اهم گڏجاڻي ٿي رهيو آهي

پي ايف يو جي ورڪرز يونٽ متياري جي اهم گڏجاڻي، جشنِ صادقين شاندار نموني ملهائڻ جو فيصلو

مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ صحافين، يونٽ جي عهديدارن ۽ ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت

ميمبرن جي حقن جي تحفظ ۽ صحافي برادري کي درپيش مسئلن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

متياري(رپورٽر) پي ايف يو جي ورڪرز يونٽ متياري جي اهم گڏجاڻي، جشنِ صادقين شاندار نموني ملهائڻ جو فيصلو پاڪستان فيڊرل يوني/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

قمبر ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ عورت سميت 3 ڄڻا زخمي

فرسٽ ايڊ ڏيڻ بعد ٽنهي زخمين کي وڌيڪ علاج لاءِ لاڙڪاڻي اسپتال منتقل ڪيو ويو

واقعي جو سبب ٻنهي ڌرين وچ ۾ پلاٽ جي مالڪي وارو معاملو ٻڌايو پيو وڃي

قمبر (رپورٽر) فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ عورت سميت 3 ڄڻا گولين لڳڻ ڪري سخت زخمي رپورٽ موجب قمبر جي غيبي ديرو ٿاڻي جي حد ڳوٺ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

سٺو اخلاق ئي ايمان جي سڃاڻپ آهي: سيد غلام حيدر شاهه قلندري

غلام حيدر شاهه قلندريءَ جي لکيل 37هين ڪتاب "جهنگل ۾ جُهرمٽ" جي مهورتي تقريب ڪئي وئي

معاشري جي حقيقي اصلاح ان وقت ممڪن آهي، جڏهن تبديلي فرد جي پنهنجي اندر کان شروع ٿئي

بهاول زئونر / ٽنڊوڄام (رپورٽر) انجمن غلامانِ قلندر ويلفيئر پاڪستان پاران حضرت سائينَ قاسم شاهه جيلاني رح (بهاول زئونر) ۾ جشن عيد/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب17

شهر ۾ آواره ڪتن جي ڏاڙهڻ جا واقعا خطرناڪ حد تائين وڌي ويا

هڪ هفتي دوران سول اسپتال ۾ 70 کان وڌيڪ ڪيس رپورٽ، شهري سخت پريشان

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) شهر ۾ آواره ڪتن جي ڏاڙهڻ جا واقعا خطرناڪ حد تائين وڌي ويا. هڪ هفتي دوران سول اسپتال ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

جهمپير لڳ ڪينجهر ڍنڍ ڪناري مولدي مياڻ جي ڳوٺ بکر ماڇي جي ڪيترن ئي رهواسين پاران احتجاج

سمورين بنيادي سهوليتن توڙي ترقياتي ڪمن ۾ نظرانداز ڪري ساڻن وڏي ناانصافي ڪئي وئي آهي

جهمپير لڳ مولدي مياڻ جو ڳوٺ بکر ماڇي وڏي ابادي تي مشتمل هوندي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) جهمپير لڳ ڪينجهر ڍنڍ ڪناري مولدي مياڻ جي ڳوٺ بکر ماڇي جي ڪيترن ئي رهواسين پاران يوسي جهمپير جي وا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ڊيسنٽ پبلڪ هاءِ اسڪول چارڻ ميمڻ ۾ سائنسي ميلو، شاگردن جا شاندار ماڊل پيش

ڊيسنٽ پبلڪ هاءِ اسڪول چارڻ ميمڻ ۾ اڄ شاندار سائنسي ميلي جو اهتمام ڪيو ويو

لاڳاپيل دلچسپ ۽ معلوماتي ماڊل ۽ ماڊرن پروجيڪٽ تيار ڪري نمائش لاءِ پيش ڪيا

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڊيسنٽ پبلڪ هاءِ اسڪول چارڻ ميمڻ ۾ سائنسي ميلو، شاگردن جا شاندار ماڊل پيش. ڊيسنٽ پبلڪ هاءِ اسڪول چارڻ ميمڻ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

سونهري_سونڊا لنڪ روڊ جي پل جو نئين سر تعميراتي ڪم شروع

ايم اين اي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي صدر صادق علي ميمڻ معاملي جو نوٽيس ورتو

نوٽيس وٺڻ کانپوءِ سونهري_سونڊا لنڪ روڊ جي ڪريل پل جي نئين سر تعمير جو ڪم شروع ڪرايو ويو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) سونهري_سونڊا لنڪ روڊ جي پل جو نئين سر تعميراتي ڪم شروع. ايوانِ صحافت ٺٽو جي جوائنٽ سيڪريٽري ارشاد علي گندرو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

هندستاني جيلن مان آزاد 25 پاڪستاني ماهيگير وطن واپس، سجاول جا 4 مهاڻا پڻ آزادي ماڻيندڙن ۾ شامل

ڀارتي جيل مان آزاد ڪيل 25 پاڪستاني قيدي وطن واپس پهچي ويا آهن

خميسو ولد صديق ملاح ۽ جاتي تعلقي جا جانو ملاح، اصغر ۽ بلاول شامل آهن

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني)هندستاني جيلن مان آزاد 25 پاڪستاني ماهيگير وطن واپس، سجاول جا 4 مهاڻا پڻ آزادي ماڻيندڙن ۾ شامل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

سجاول، جاتي ۽ چوهڙجمالي سميت ڪيترن علائقن کي سخت خطرا پيش آيا

سنڌو درياهه جي بچاءَ بند، کوڪا بند جيڪا سنڌو درياهه جي ڪابي پاسي واقع آهي

مستقبل ۾ ڪنهن به امڪاني ٻوڏ جي صورت ۾ جاني ۽ مالي نقصان کان بچي سگهجي

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني)سنڌو درياهه جي بچاءَ بند، کوڪا بند جيڪا سنڌو درياهه جي ڪابي پاسي واقع آهي ۽ هيٺين علائقن کي ممڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

جوهي شهر جي وارڊ 6 سيد آباد ڪالوني جي رهواسين جو احتجاج

سي ايم او زوهيب سولنگي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري واهي پانڌي روڊ موڙ اڳيان ڌرڻو

10 سالن کان اسان جي وارڊ ۾ هڪ سر به ناهي لڳي نڪي جو به ترقياتي ڪم ناهي ٿيو

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) جوهي شهر جي وارڊ 6 سيد آباد ڪالوني جي رهواسين غلام مصطفي سولنگي، وسيم پنهور، فرزند لغاري، اون س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

گجو لڳ ڳوٺ الله ڏنو موسو جوکيو جي بنيادي مسئلن بابت اوقاف کاتي جي وزير سان اهم ڳالهيون

ڳوٺاڻن مورڀو جوکيو، عبدالغفور، فوجي شير خان، جڙيل، نواز علي، عمران، روشن ۽ ٻين اوقاف کاتي جي وزير سائين رياض حسين سان ملاقات

پيئڻ جي صاف پاڻي، اسڪول ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ بابت مسئلا پيش ڪندي انهن جي فوري حل لاءِ اپيل

ڳوٺ جا بنيادي مسئلا تمام جلد حل ڪيا ويندا ۽ ان سلسلي ۾ هر ممڪن قدم کنيا ويندا

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) گجو لڳ ڳوٺ الله ڏنو موسو جوکيو جي بنيادي مسئلن بابت اوقاف کاتي جي وزير سان اهم ڳالهيون. جلد حل جي خاطري گجو لڳ ڳوٺ الله ڏنو موسو جوکيو جي بنيادي مسئلن بابت اوقاف کاتي جي وزير سائين رياض/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب20

شيرازي هائوس ٺٽي تي خاصخيلي برادري ۽ اگهيم برادري جي زميني تڪرار جون ڳالهيون ٻڌي فيصلو

سابق ايم پي اي ڊاڪٽر سيد امتياز حسين شاهه شيرازي حاجي محمد حنيف ميمڻ جن شيرازي ڳالهيون ٻڌيون

زميني تڪرار جون ڳالهيون ٻڌي فيصلو ڪري الحمد پڙهي تڪرار ختم ڪرائي ڇڏيو

ان موقعي تي وڏيرو خالد حسين ناهيو حاجي شفيع محمد کهيو وڏيرو روشن ناهيو عبدالرزاق ڪلمتي ۽ ٻيا معززين پڻ شريڪ هئا

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) شيرازي هائوس ٺٽو سابق ايم پي اي ڊاڪٽر سيد امتياز حسين شاهه شيرازي حاجي محمد حنيف ميمڻ جن شيرازي هائوس ٺٽي تي خاصخيلي برادري ۽ اگهيم برادري جي زميني تڪرار جون ڳالهيون ٻڌي فيصل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب21

بدين جي ساحلي پٽي سيراڻي لڳ پوليو بوسٽر ڊوز جو بائيڪاٽ

پنجاهه کان وڌيڪ ڳوٺن جا رهواسي سراپا احتجاج

روڊ، واهه، اسڪول ۽ صحت جون سهولتون بحال نه ٿيون ته بائيڪاٽ جاري رکڻ جو اعلان

بدين (رجب راهمون) بدين جي ساحلي پٽي سيراڻي لڳ پوليو بوسٽر ڊوز جو بائيڪاٽ. پنجاهه کان وڌيڪ ڳوٺن جا رهواسي سراپا احتج/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب22

ٽنڊو باگو عوامي تحريڪ تعلقي ٽنڊي باگي جو جنرل ڪائونسل اجلاس

آمريڪا ڏکڻ ايشيا ۾ نئون اسرائيل ٺاهڻ چاهي ٿو، گوادر ضيائي ٽولي ۽ ڪراچي مڪمل طور ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن حوالي ڪري

ڪراچي ۽ گوادر کي به اسرائيل جيان آمريڪي هٿيارن جو اڏو بڻائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي

آمريڪا جيئن اسرائيل وسيلي وچ اوڀر تي قبضو ڪيو تيئن پاڪستان کي غير مستحڪم بڻائي ڏکڻ ايشيا تي به مڪمل طور قبضو ڪرڻ چاهي ٿو

بدين (رجب راهمون) ٽنڊو باگو عوامي تحريڪ تعلقي ٽنڊي باگي جو جنرل ڪائونسل اجلاس لطيف هاليپوٽو هائوس تي ٿيو جنهن کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي ضلع صدر مهراڻ درس سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ زرقا هاليپو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب23

محرابپور لڳ روهڙي ڪئنال جي پل تي نامعلوم ڦورو واپارين کان رڪشو ٻڪريون موبائل فون روڪ رقم ڦري فرار

محرابپور لڳ ڏيپارجا رهواسي مال جا واپاري لوڊر رڪشي تي ٻڪريون ڪٽي هالاڻي مال پڙي تي ڪٽي وڃي رهيا هئا

واپارين کي رسين سان ٻڌي رڪشي ۾ سوار 18 ٻڪرين سميت لوڊر رڪشو ۽ موبائل فون ڪيش رقم ڦري فرار ٿي ويا

اسان رات جو 3 وڳي مال پڙي تي ڪٽي وڃي رهيا هئاسين ته روهڙي ڪئنال جي پل تي نامعلوم ڦورو ڦري فرار ٿي ويا

محرابپور (رپورٽ امين دانش) محرابپور لڳ روهڙي ڪئنال جي پل تي نامعلوم ڦورو واپارين کان رڪشو ٻڪريون موبائل فون روڪ رقم ڦري فرار ٿي ويا. تفصيل موجب محرابپور لڳ ڏيپارجا رهواسي مال جا واپاري لوڊر رڪشي تي ٻڪريون ڪٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سکر ڊويزن جي جنرل باڊي جو اجلاس سيد شفقت حسين شاهه جي رهائشگاهه تي منعقد

جنهن جي صدارت ڊويزنل صدر سيد شفقت حسين شاهه ڪئي، اجلاس ۾ پارٽي جي عهديدارن، اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

اجلاس دوران سکر ڊويزن ۾ پارٽي جي تنظيم نو، تنظيمي معاملن ۽ ايندڙ سياسي توڙي تنظيمي حڪمت عملي بابت تفصيلي مشاورت

پارٽي کي يونين ڪائونسل ۽ هيٺين سطح تائين وڌيڪ فعال، منظم ۽ مضبوط بڻائڻ تي خاص زور ڏنو ويو

سکر (بيوروچيف قاسم بيگ ملڪ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سکر ڊويزن جي جنرل باڊي جو اجلاس سيد شفقت حسين شاهه جي رهائشگاهه تي منعقد ٿيو. جنهن جي صدارت ڊويزنل صدر سيد شفقت حسين شاهه ڪئي. اجلاس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ڪراچي ۾ وحدت سنڌ مارچ نوان صوبا نامنظور _ ايس يو پي جي پليٽ فارم تي لکين جو عوامي ريفرنڊم

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي، جي پليٽ فارم تان سيد منير حيدر شاهه جي اڳواڻي ۾ ريگل چوڪ کان ڪراچي پريس ڪلب تائين وحدت سنڌ مارچ لکين جي تعداد ۾ ماڻهن جو شرڪت

سنڌ جي عوام جو عوامي ريفرنڊم ٻڌجي ويو جنهن ۾ لکين سنڌين پنهنجو فيصلو ٻڌايو ته نوان صوبا نامنظور

شهر جي مکيه شاهراهن تان گذرندي ڪراچي پريس ڪلب تي پهچي وڏي جلسي جي صورت اختيار ڪري وئي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڪراچي ۾ وحدت سنڌ مارچ نوان صوبا نامنظور _ ايس يو پي جي پليٽ فارم تي لکين جو عوامي ريفرنڊم. ڪراچي سنڌ جي امڪاني ورهاڱي ۽ نون صوبن جي سازش خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي. جي پليٽ ف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب26

سکر ۾ قريشي ڳوٺ جي زمين کي انڊسٽريل ايريا ۾ شامل ڪرڻ خلاف قريشي برادري جو احتجاج

قريشي ڳوٺ سکر شهر جي قيام کان به اڳ کان آباد آهي ۽ هتي قريشي برادري ڪيترن ئي ڏهاڪن کان رهائش پذير آهي

قريشي ڳوٺ جي زمين کي انڊسٽريل ايريا ۾ شامل ڪرڻ ناانصافي ۽ سراسر زيادتي آهي

سکر(بيوروچيف قاسم بيگ ملڪ)نيو تعلقو سکر جي قريشي ڳوٺ جي رهواسين ۽ قريشي برادري پاران سائيٽ ايريا سکر انتظاميا طرفان قريشي ڳوٺ جي زمين کي انڊسٽريل ايريا ۾ شامل ڪرڻ واري مبينا فيصلي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ زاهد حسين قريشي، يونين ڪائونسل چيئرمين نثار احمد قريشي، اورنگزيب قريشي ۽ ٻين ميڊيا سان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

سجاول لڳ ڳوٺ عجائب سومرو ۾ پوليو ٽيم تي حملو، پوليو ورڪر عبدالواحد سومرو زخمي

سول اسپتال سجاول ۾ طبي امداد کانپوءِ ڪراچي اسپتال منتقل

واقعي ۾ ملوث مبينا جوابدار کي آخري اطلاعن تائين گرفتار نه ڪيو ويو هو آهي

سجاول (رپورٽر) سجاول لڳ ڳوٺ عجائب سومرو ۾ پوليو ٽيم تي حملو، پوليو ورڪر عبدالواحد سومرو زخمي. سول اسپتال سجاول ۾ طبي امداد کانپوءِ ڪراچي اسپتال منتقل. ان سلسلي ۾ سجاول ۾ جاري پوليو مهم دوران گذري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28